ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 07 ڊسمبر 2025ع 15 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (114)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi Sunday 7th December 2025
سال (18) آچر 07 ڊسمبر 2025ع 15 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (77)
Daily Ibrat Hyderabad Sunday 7th December 2025

نوازشريف جو وڏو ڪارنامو ملڪ کي ايٽمي طاقت بنائڻ آهي، شاندار ڪارڪردگي تي اينداڙ چونڊن ۾ ڪٽينداسين: وزيراعظم

ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جي نئين دور جي شروعات ٿي چڪي آهي، ملڪ ترقي ۽ استحڪام طرف گامزن آهي، ايندڙ ڏينهن ۾ وڏيڪ خوشخبريون ملنديون، مريم نواز پنجاب جي ترقي جا نوان باب لکي رهي آهي

پنجاب ۾ عوامي خدمت ۽ ترقي جو سفر 1985ع ۾ منهنجي قائد ۽ وڏي ڀاءُ محمد نواز شريف جي اڳواڻي ۾ شروع ٿيو، ان دور ۾ صرف سياست ڪئي نه ٿي، ترقياتي ڪمن جو پڙي پڙي تائين نالو نشان نه هوندو هو

نوازشريف جي ٽن سالن جي دور ۾ تعميري سياست سازشي سياست کي هميشه لاءِ دفن ڪيو، قوم ڏٺو ته پنجاب ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ويو، اسپتال، اسڪول، ڪاليجز، يونيورسٽيون ۽ ٻين عوامي منصوبن جو بنياد رکيو ويو

نوازشريف ملڪي بچاءُ کي اٽمي بڻائي ڪراچي کان پشاور تائين هر درد دل رکندڙ پاڪستاني جي دل ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ۽ ثابت ڪيو ته هڪ عظيم قائد آهي، حق جي ويڙهه ۾ شاندار ڪاميابي ۽ ايٽمي قوت هئڻ جي ڪري ملي

پاڪستان 1998ع ۾ ايٽمي ڌماڪا نه ڪري ها ته اڄ حالتون مختلف هجن ها، قائد نواز شريف هن ملڪ جي تقدير بدلائڻ لاءِ جيڪي خواب ڏٺا، انهن جي ساڀيان لاءِ وزيراعليٰ مريم نواز رات ڏينهن جاکوڙي رهي آهي

مون کي يقين آهي ته شاندار ڪارڪردگي عيوض ٽن سالن ڪانپوءِ نواز شريف جي اڳواڻي ۾ ايندڙ چونڊن ۾ به اهڙي ڪاميابيون حاصل ڪنداسين ۽ ملڪ کي معاشي طاقت بڻائينداسين: وزيراعظم شهباز شريف جو گجرانوالا ۾ تقريب کي خطاب

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جي نئين دور جي شروعات ٿي چڪي آهي، شاندار ڪارڪردگي تي ايندڙ چونڊن ۾ ڪٽينداسين، مريم نواز پنجاب جي ترقي جا نوان باب لکي رهي آهي، ماس ٽرانزٽ سسٽم سان گجرانوالا جي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

گجرانوالا: وزيراعظم شهباز شريف وزيراعليٰ مريم نواز گجرانوالا ماس ٽرانزٽ سرشتي جي بنيادي جو پٿر رکي رهيا آهن

صدر آصف علي زرداري پاران ڊيره بگٽي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابي ڪارروائي تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير پاران 2 ڪامياب آپريشنز دوران 9 خوارجين جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ سان ڳالهين جو امڪان ختم ٿي چڪو آهي: رانا ثناءُ الله

فساد تشدد يا انتها پسند سوچ جي حمايت ڪندڙن سان ڪي به ڳالهيون نه ٿينديون

اسلام آباد (اي پي پي) سياسي معاملن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران پي ٽي آءِ باني ملڪ دشمن قرار ڏيڻ جي آءِ ايس پي آر جي بيان جي مڪمل حمايت

پي ٽي آءِ قيادت ۽ سنڌن پڙڏيهه ۾ رهندڙ حمايتي گندي زبان استعمال ڪندي ملڪي فوج ۽ شهيدن جي قربانين کي نظرانداز ڪري رهيا آهن، هي سوشل ميڊيا تي سر عام گاريون ڏين ٿا: وزير دفاع

پي ٽي آءِ جي موجوده قيادت ٽوڙي جا اهڙا جيل ۾ هجي يا ٻاهر، پارليامينٽ ۾ هجي يا ٻاهر، سڀني جي ڳالهائڻ جو انداز هڪجهڙو غيرشائسته آهي، اهي انتهائي سخت ۽ غيرذميواراڻي زبان استعمال ڪري رهيا آهن

جيڪڏهن ٻئي جي آءِ ايس پي آر هن رويي تي ڪو رد عمل ڏنو آهي ته اهو نهايت مناسب ۽ متوازن آهي، مون کي ڪڏهن به پي ٽي آءِ جو ڪو اڳواڻ ڪنهن شهيد جي جنازي ۾ شرڪت ڪندي نه نظر آيو

هٿياربند فوج جا جوان ٽوڙي جو اهي پنجابي هجي، پٺاڻ، بلوچ، سنڌي، گلگت بلتستان سان هجن وطن لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن، پر پي ٽي آءِ جي قيادت انهن قربانين جو اعتراف تائين نٿي ڪري

پي ٽي آءِ کي گهرجي ته هو شهيدن جي جنازي ۾ وڃي ۽ پنهنجي مجاهدن ۽ شهيدن جي حقن ۾ آواز اٿاري، دهشتگردن جو بيانيو نه اختيار ڪري، طالبان جي حق ۾ نرمي نه ڏيکاري ۽ انهن سان محبت نه ڪري

پي ٽي آءِ جي سچائپ پاڪستان دشمن جي سچائپ آهي، اها پاڪستانيت ناهي پر پاڪستان دشمني آهي ۽ اسان ان تي ڪڏهن به خاموش نه رهنداسين: خواجه آصف جون سيالڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

سيالڪوٽ (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته پي ٽي آءِ قيادت ۽ سنڌن پرڏيهه ۾ رهندڙ حمايتي گندي زبان استعمال ڪندي ملڪي فوج ۽ شهيدن جي قربانين کي نظرانداز ڪري رهيا آهن، اها ڳالهه سيالڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته عام چونڊن کانپوءِ پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت ۽ عهديدارن جيڪو رويو اختيار ڪيو آهي اهو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اين ايڇ اي جي سهولتن بابت ڳالهائي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ تاريخي عمارتون موجود آهن پر شهر جي تاريخي سڃاڻپ ختم ٿي رهي آهي

موسمياتي تبديلي پاڪستان سميت سڄي دنيا لاءِ وڏو چيلينج بڻجي چڪي آهي: احسن اقبال

پاڪستان وٽ تهذيبي وارثت موجود آهي جنهن کي محفوظ ۽ جديد ترقي جي رجحانن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي

اتحادي حڪومت جڏهن اقتدار سنڀاليو ته معيشت ڏيوالپڻي جي ويجهو هئي، اسان لاڳيتو سڌارن ذريعي صورتحال بهتر ڪئي

پاڪستاني مائرون وطن لاءِ پنهنجا پٽ قربان ڪيا آهن ۽ جڏهن به ضرورت پئي ته قوم پارٽ کي ڀرپور جواب ڏنو: وفاقي وزير رٿابندي

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ سڌارن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي: وزيراعظم

ڊيره بگٽي ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان جي علائقي ڊيره بگٽي ۾ پارٽي حمايت يافته فتنه
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا جي گورنر سان سماجي ۽ سياسي اڳواڻن جي وفد جي ملاقات

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ ٻه نينگريون ماريندڙ جج جي پٽ کي متاثر خاندانن معاف ڪري ڇڏيو

جج جي گرفتار پٽ جوابدار ابوذر کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي پيش ڪيو ويو

جوابدارن جي ضمانت منظور ڪئي وئي ۽ عدالت جوابدارن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) اسلام آباد اسڪوٽي حادثي ۾ حياتي وڃائيندڙ ٻنهي نينگرين جي خاندان جوابدار کي معاف
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

عمران جي ڀينرن جي ملاقات تي سياست نه ڪئي وڃي: بيرسٽر گوهر

ٻن سالن کان عمران خان سان ملاقاتن تي ڪيترائي ڀيرا پابنديون لڳايون ويون

اختيارين کان گذارش آهي ته خان صاحب جي ڀينرن سان ملاقات روڪي نه وڃي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته عمران خان سان انهن جي ڀينرن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڊاٿو يونيورسٽي جديد شفاف ۽ اڳڀرائي ڪندڙ گورننس جو نمونو بڻجي چڪي آهي: مراد علي شاهه

شاگرد صاف توانائي جي منتقلي، اسمارٽ ٽيڪنالاجيز ۽ نون انجنيئرنگ جدتن جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ لڀا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه داؤد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET) جي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

غيرقانوني اميگريشن بابت پاليسي واضح آهي، آمريڪا سان لاڳاپن مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ آمريڪا جي فني مدد جي آجيان ڪنداسين: وفاقي گهرو وزير

آمريڪي وقتي سفير نيٽلي بيڪر جي وفاقي گهرو وزير سان ملاقات، منشيات جي خاتمي ۽ سيڪيورٽي معاملن تي ڳالهيون

اڄ به افغانستان مان منشيات ڪيترن ئي ملڪن ۾ پهچي رهي آهي ۽ نوجوان نسل کي تباهه ڪري رهي آهي: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته غير قانوني اميگريشن بابت اسان جي واضح پاليسي آهي، پاڪ آمريڪا پراڻا لاڳاپا وڌيڪ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون ثقافتي ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

خيبرپختونخوا ۾ ڌار ڌار ڪارروائين دوران پارٽي حمايت يافته 9 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ٽانڪ ضلعي ۾ هڪ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو: آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج دهشتگردن جي ٽڪاڻي کي نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ ۾ 7 دهشتگردن کي ماريو ويو

علائقي ۾ موجود ڪنهن به پارٽي حمايت يافته دهشتگرد جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز خيبر پختونخوا جي مختلف علائقن ۾ 2 ڌار ڌار ڪارروائين ۾ پارٽي حمايت يافته فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 9 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب سيڪيورٽي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ميجر شبير شريف شهيد قومي فخر جي علامت آهي: آءِ ايس پي آر

ميجر شبير شريف شهيد جو 54 هون يوم شهادت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

سڄي ملڪ جي مسجدن ۾ ڏينهن جي شروعات قران خواني ۽ دعائن سان ٿي

ميجر شبير شريف شهيد کي ستاره جرئت سان به نوازيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ميجر شبير شريف شهيد (نشان حيدر) جو 54 هون يوم شهادت گذريل ڏينهن عقيدت ۽ احترام
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بائنانس سينٽر ليبرشپ پاران پاڪستان جو دورو، حڪومت جو ڊجيٽل اثاثن جي ضابطن لاءِ مضبوط عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) بائنانس جي سينئر ليبرشپ پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ ملڪ جي اعليٰ قيادت سان ملاقات ڪئي.
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

موٽر ويز جي سهولتن لاءِ جامع حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو فيصلو

شهرين کي ڏنل سهولتن جي بهتري لاءِ جامع حڪمت عملي جي منظوري

ٽول ٽيڪس باوجود معياري سهولتون نه ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي: عبدالعليم خان

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ موٽر ويز جي ريسٽ ايرياز ۾ مسافرن ۽ شهرين کي ڏنل سهولتن جي بهتري لاءِ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 18سالن ڪانپوءِ 35 هين نيشنل گيمز شروع، بلاول ڀٽو زرداري مشعل ٻاري افتتاح ڪيو

اولمپڪ گولڊ ميڊلسٽ ارشد نديم، صلاح الدين ۽ ٻين سان گڏجي قومي رانديون جي مشعل روشن ڪئي وئي

نوجوان اسان جو مستقبل آهن، انهن کي رانديون ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، سڀني کي پليڪار چوان ٿو: پ پ چيئرمين

نيشنل گيمز جي موقعي تي نيشنل اسٽيڊيم جي اندر ۽ ٻاهر سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي ۾ گذريل 18 سالن کانپوءِ قومي سطح جي رانديون شروع ٿي ويون، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪالهه 35 هين نيشنل گيمز جو باقائده
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي رانديون جو افتتاح ڪري رهيو آهي، وڏو وزير مراد علي شاهه صوبائي وزير محمد بخش مهر سيد قائم علي شاهه ۽ گورنر پڻ موجود آهن

چاهيون ٿا ته اخباري صنعت ترقي ڪري، سوشل ميڊيا جون خبرون غلط ۽ جعلي هونديون آهن: شرجيل ميمڻ

سڄي دنيا جي پرنٽ ميڊيا کي هن وقت سخت مشڪلاتن جو منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

اخبار هڪ مستند دستاويز آهي، ٽي وي تي رڳو بريڪنگ نيوز جي ڊوڙ لڳل هوندي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات ، ٽرانسپورٽ کاتي واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اڳ ۾ صبح جي شروعات اخبار سان ٿيندي هئي پر هاڻي رجحان تبديل ٿي رهيا
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ميجر شبير شريف جي بهادري ۽ شجاعت اهو روشن مينار آهي: گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

انجنيئر امير مقام سان مختلف وفدن ۽ ماڻهن جي ملاقات

پشاور (اي پي پي) وفاقي وزير ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) خيبر پختونخوا جي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڌرتي هزارين سال پراڻي ثقافتي تاريخ رکي ٿي ۽ دنيا جون مهذب قومون پنهنجي تهذيب تي فخر ڪنديون آهن: قاضي اسد عابد

عبرت گروپ ۽ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي اڄ پوري سنڌ ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي

سکر، لاڙڪاڻو، خيرپور، گهوٽڪي، پنوعاقل، ميرپورماٿيلو، جيڪب آباد، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ ۾ جشن

راڻيپور، گمبٽ، نوابشاهه، ٻوزدار وڏا، شاهپور چاڪر، مٽياري، هالا، ڀٽ شاهه، ڄامشورو، ڪوٽڙي ۾ تقريبون شروع

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٻلڙي شاهه ڪريم، ميرپور بٺورو، جاتي، لئون، بدين، تلهار، ٽنڊو باگو، ماتلي، پنگريو ۾ ريليون

دادو، مورو، نوشهروفيروز، خيرپورناٿن شاهه، ڪنڊيارو، هالاڻي، ميرپورخاص، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو ڄام ۾ ميڙاڪا

حيدرآباد/ڪراچي(نمائندن وڪان) عبرت گروپ آف پبليڪيشن ۽ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي اڄ پوري سنڌ ۾ ثقافتي ڏهاڙو عيد جيان اڄ ملهايو پيو وڃي، سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ڪراچي کان
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

جسٽس ظفر احمد راجپوت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور حلف کڻي ورتو

گورنر گورنر هائوس ۾ ٿيل تقريب دوران گورنر ڪامران ٽيسوري ڪيس حلف کڻايو

تقريب ۾ وڏي وزير مراد علي شاهه، صوبائي وزيرن ججن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) جسٽس ظفر احمد راجپوت مستقل طور سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور حلف کڻي ورتو گورنر
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو ۽ ٻيو زخمي، اسپتال منتقل

لياري چاڪيواڙه ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا ڪامران ۽ احمد علي زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي احمد علي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي لياري چاڪيواڙه ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي واقعي ۾ ٻه ماڻهو ڪامران ۽ احمد
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ڪورٽ عدالت غني امان ۽ سرمد جي ضمانت رد ڪري ڇڏي

ساڳي عدالت ڌماڪي وارو مواد هٿ اچڻ واري ڪيس ۾ ضمانتون منظور ڪيون هيون

عدالت پريشر ۾ اچي غني امان ۽ سرمد جون ضمانتون رد ڪيون آهن: وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دهشتگردي ڪورٽ عدالت غني امان ۽ سرمد جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي. عدالت پراسيڪيوشن
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ملير ڊسٽرڪٽ جيل ۾ شاندار ثقافتي تقريب، اهلڪارن ۽ قيدين جون جهمريون

تقريب ۾ ڊي آءِ جي جيل ڪراچي، سپرنٽنڊنٽ جيل سميت اهلڪارن ۽ صحافين شرڪت ڪئي

ناميارو ڳائڪ صدام راڄپر ۽ جڳ مشهور ڪاميڊين اصغر ڪوسو قيدين جي چهرن تي مرڪون وکيريون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ جيل ملير ۾ شاندار ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ڊي آءِ جي جيل ڪراچي، سپريٽنڊنٽ ملير
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

خليل الرحمان قمر وڊيو وائرل ڪيس ۾ جوابدار آمنه عروج جي ضمانت واري درخواست داخل

لاهور (اي پي پي) لاهور جي سيشن ڪورٽ ۾ ناليواري ڊرامه نگار خليل الرحمان قمر جي اغوا ۽ وڊيو وائرل ڪرڻ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ويهه ورهين ڪانپوءِ نيشنل گيمز جي واپسي صوبي ۽ عوام لاءِ فخر جو لمحو آهي: وڏو وزير

سمورن صوبن کان آيل رانديگرن جي شاندار شموليت پاڪستان جي حقيقي خوبصورتي کي ظاهر ڪري ٿي

سنڌ جي ثقافتي عظمت بيمثال مهمان نوازي سان سجاتي ويندي آهي، رانديگرن کي هر سهولت فراهم ڪبي

سنڌ حڪومت نوجوانن جي ترقي ۽ رانديون جي فروغ لاءِ پوري طرح پرعزم آهي: افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڇنڇر ڏينهن نيشنل اسٽيڊيم ۾ منعقد افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته 35هين نيشنل گيمز پاڪستان جي ٻڌيءَ تنوع ۽ قومي سگهه جي علامت آهن هن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل رانديگرن کي ڀليڪار ڪندي چيو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهه مولانا فضل الرحمن 21 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ وڏي عوامي ميڙ کي خطاب ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمن 21 ڊسمبر تي ڪراچي جي تاريخي ميدان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهريلو ملازم واپاري جي گهر مان 5 ڪروڙ کان وڌيڪ ڦر ڪري فرار

واپاري پنهنجي ماءُ سان گڏ گهر کان ٻاهر ويو، صرف ڏاڏي گهر ۾ موجود هئي ته واقعو ٿيو

جوابدارن ملازم بلال ٻن ساٿين سان گڏ هٿيارن جي زور تي ڏاڏي کي يرغمال بڻائي ڦر لٽ ڪري فرار ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊفينس خيابان مجاهد ۾ گهريلو ملازم واپاري جي گهر مان 5ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نواز شريف ملڪ کي ايٽمي طاقت نه بڻائي ها ته جنگ ۾ حالتون مختلف هجن ها: وزيراعظم

گوجرانوالا (ويب ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته نواز شريف جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ملڪ کي ايٽمي قوت بڻائڻ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڊيرا بگٽي ۾ فتنه الهندستان جي ڪيئي ئي دهشتگردن رياست آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

بي آر اي جي ڪمانڊر وڏيري نور علي چاڪراڻي ۽ سندس 74 ساٿين رياست آڏو سرينڊر ڪري ڇڏيو

دهشتگردن پاڪستان هائوس جي ڪيئر ٽيڪر مير آفتاب بگٽي جي موجودگي ۾ وڏي انگ ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) دهشتگردي جي خاتمي واري اثرائتي حڪمت عملي تحت فتنه الهندستان جي ڪيترن ئي دهشتگردن رياست آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. تفصيل موجب فتنه الهندستان بي آر اي جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نيشنل گيمز جي سيڪيورٽي انتهائي هاءِ الرٽ، 23 هنڌن تي رانديون جا مقابلا ٿيندا

امن امان جي صورتحال جي نگراني لاءِ هڪ خاص ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول بس مقرر ڪئي وئي

مختلف 32 رانديون جي مقابلن ۾ 11 هزار رانديگر سميت آفيسر شاگرد ۽ تماشائي شرڪت ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ صوبو پاڪستان جي سڀ کان وڏي ملٽي اسپورٽس ايونٽ 35 هين نيشنل گيمز جي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 15 کان وڌيڪ سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن پاران ثقافتي ميلو منعقد

سنڌ گورنمنٽ ٽيچر فورم ۽ ماهيگير سماجي سنگت پاران ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي

زنده قومون هميشه پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪنديون آهن ۽ اهو اسان ڪري ڏيکاريو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ گورنمنٽ ٽيچر فورم ۽ ماهيگير سماجي سنگت پاران گورنمنٽ پرائمري اسڪول علي محمد
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جو وزيراعظم ڳوٺ کي خدابخش پهتو، شهيدن جي مزارن تي حاضري

پيپلز پارٽي جي آزاد ڪشمير ۾ حڪومت جو ڪريڊٽ آصف علي زرداري کي وڃي ٿو: راجا فيصل ممتاز

پاڪستان ۽ ڪشمير جو ناتو تمام مضبوط آهي، اسان پارٽي فوج جي ساٿ بيٺل آهيون: ميڊيا سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) آزاد ڪشمير جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سرتيون سنگ ڪرافٽس نمائش، هنرمند عورتن پاران اسٽال لڳايا ويا

پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران منعقد نمائش جو افتتاح ڪيو

پيپلزپارٽي جي حڪومت پسمانده علائقن ۾ عورتن جي حل لاءِ اهم ۽ سنجيده قدم کنيا آهن: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي صدر فريال ٽالپر ڪلفٽن جي اوشين مال ۾ ڪي ڏينهن جاري رهندڙ
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ثقافتي ڏهاڙي تي سنڌ کي منشيات ۽ ذاتيل ڪلچر کان پاڪ ڪرڻ جو عزم ڪيو وڃي: ڪاشف سعيد شيخ

پيٽائي، سڄل سامي ۽ قلندر شهباز جي ڌرتي ڏک، بدحالي ۽ غربت جي عملي تصوير بڻيل آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته سنڌ سونهاري پيار امن محبت ۽
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول جاري، آسڪر ايوارڊ يافته فلسطيني فلم "نو ادر لينڊ" پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي انتظام "ورلڊ ڪلچر فيسٽيول 2025 جي جي موقعي تي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڊيرا بگٽي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، پارٽي حمايت يافتا 5 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي ڊيرا بگٽي ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن دوران فتنه الخوارج جي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ڳاڪن کي اثرائتي طريقي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حڪومت پاور سيڪٽر جي بحالي لاءِ سڌارا آڻي رهي آهي: اويس لغاري

پاڪستان 52 سيڪڙو بجلي صاف ۽ تجديد جوڳن ذريعن مان حاصل ڪري رهيو آهي

چنانچه واري بجلي مارڪيٽ لاڳو ٿي چڪي آهي، شفافيت ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافو ٿيندو

لاهور (اي پي پي) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو آهي ته پاڪستان توانائي جي شعبي ۾ تيز رفتار سڌارن ۽ صاف توانائي کي هٿي وٺائڻ ذريعي خطي ۾ قائدانه ڪردار ادا ڪري
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | مڪمل حمايت

سياسي شائستگي جي ابتڙ آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ڪجهه اڳواڻ ۽ عهديدار سوشل ميڊيا تي سرعام گاريون ڏين ٿا. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي موجوده قيادت تنوڙي جا اها جيل ۾ هجي يا ٻاهر پارليامينٽ ۾ هجي يا ٻاهر سيني جي ڳالهائڻ جو انداز هڪجهڙو غير شائسته آهي.

گڏريل ڏينهن گهرو وزارت پاران جاري پڌرائي موجب گهرو وزير انهن خيالن جو اظهار آمريڪي وفتي سفير نيٽلي بيڪر سان ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي منشيات جي خاتمي ۽ سيڪيورٽي جي شعبي ۾ ٻه طرفو تعاون وڌائڻ تي ڳالهين ٿيون.

وقت سخت مشڪلاتن جو منهن ڏيڻو پيو جي رهيو آهي اليڪٽرانڪ ميڊيا اخبارن کي سخت ڌڪ لڳو ...

پريس رنگ سان جاري بيان موجب صدر مملڪت پارٽي پراڪسي تنظيم فتنه الهندستان سان واڳيل 5 دهشتگردن کي منطقي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو.

سميت سڄي ملڪ مان هزارين رانديگرن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي نيشنل گيمز جي افتتاح لاءِ منعقد تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ...

ڪي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور حلف کڻايو ڪالهه حلف برداري جي تقريب گورنر هائوس ۾ ٿي ...

حقيقي چيمپئن جي سڃاڻپ آهي. هن چيو نوجوان صرف پنهنجي صوبن يا ادارن جي نه پر پوري قوم جي عزت جي نمائندگي ڪري رهيا آهيو.

شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي راجا فيصل ممتاز راٺوڙ چيو ته آزاد ڪشمير ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت جو ڪريڊٽ آصف علي زرداري کي وڃي ٿو.

بقايا | 22 | حلف کڻي ورتو

سنڌ ڪامران ٽيسوري ظفر احمد راجپوت

بقايا | 32 | مقابلا ٿيندا

ميزباني ڪري رهيو آهي. 23 هنڌن تي ٿيندڙ راندين ۾ 11 هزار رانديگر آفيسس شاگرد ۽ تماشائي شرڪت ڪندا

بقايا | 33 | مزارن تي حاضري

وزيراعظم راجا فيصل ممتاز راٺوڙ طرفان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد شاهنواز ڀٽو ۽ ٻين

بقايا | 39 | مارجي ويا

سان نشاندهي بقايا دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مواد به برآمد ٿيو مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ ڪيترين ئي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث هئا. وڌيڪ امڪاني دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

HESCO

آر ايف بي دستاويز جي سيڪشن II بد ڊيٽا شيٽ، ITB 22.1 ۽ ITB 25.1 جي مطابق ترميمون

ايڪٽيويٽي نمبر: PK-HESCO-GOODS-AMI METERS-ICB/09

ضميمو نمبر 01. تاريخ 25 نومبر 2025 تي جاري ڪيو ويو

اها ايڊينڊم نمبر 02. ايس پي ڊي ۾ آر ايف بي نمبر PK-HESCO-GOODS-AMI METERS-ICB/09 جي خلاف. تاريخ 05 ڊسمبر 2025 تي. آر ايف بي دستاويز جي سيڪشن II بد ڊيٽا شيٽ (ITB 22.1 ۽ ITB 25.1) جي مطابق جاري ڪيو پيو وڃي.

ترميم

نمبر	آر ايف بي ريفرنس	جاري ٿيل آر ايف بي جي مطابق وضاحت (اڳوڻي دفعات)	هي ضميمو 1 جي تحت ترميم ٿيل دفعات (نئين دفعات)
1.	سيڪشن II بد ڊيٽا شيٽ ITB 22.1	صرف بولي جمع ڪرائڻ جي مقصد جي لاءِ خريدار جو هنڌ هيٺ ڏنل آهي: ڌيان: چيف انجنيئر (ڊيولپمنٽ) پي ايم يو HESCO هنڌ: بنگلو نمبر A-1، حيسڪو پاورونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد شهر: حيدرآباد ملڪ: پاڪستان ٽيلي فون نمبر: +92-22-92600070 فيڪس نمبر: +92-22-9260525 اِي ميل ايڊريس: cedevhesco@gmail.com cepmu@hesco.gov.pk بولي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تاريخ: 09 ڊسمبر 2025 وقت: صبح 11:00 وڳي بولي ڏيندڙن کي پنهنجيون بوليون اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائڻ جو "اختيار نه هوندو".	صرف بولي جمع ڪرائڻ جي مقصد جي لاءِ خريدار جو هنڌ هيٺ ڏنل آهي: ڌيان: چيف انجنيئر (ڊيولپمنٽ) پي ايم يو HESCO هنڌ: بنگلو نمبر A-1، حيسڪو پاورونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد شهر: حيدرآباد ملڪ: پاڪستان ٽيلي فون نمبر: +92-22-92600070 فيڪس نمبر: +92-22-9260525 اِي ميل ايڊريس: cedevhesco@gmail.com cepmu@hesco.gov.pk بولي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تاريخ: 29 ڊسمبر 2025 وقت: منجهند 03:00 وڳي بولي ڏيندڙن کي پنهنجيون بوليون اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائڻ جو "اختيار نه هوندو". بولي کولڻ جو عمل هيٺ ڏنل هنڌ تي ٿيندو:
2.	سيڪشن II بد ڊيٽا شيٽ ITB 25.1	بولي کولڻ جو عمل هيٺ ڏنل هنڌ تي ٿيندو: ڌيان: چيف انجنيئر (ڊيولپمنٽ) پي ايم يو HESCO هنڌ: بنگلو نمبر A-1، حيسڪو پاورونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد شهر: حيدرآباد ملڪ: پاڪستان تاريخ: 09 ڊسمبر 2025 وقت: بولي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جي فوري بعد	ڌيان: چيف انجنيئر (ڊيولپمنٽ) پي ايم يو HESCO هنڌ: بنگلو نمبر A-1، حيسڪو پاورونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد شهر: حيدرآباد ملڪ: پاڪستان تاريخ: 29 ڊسمبر 2025 وقت: بولي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جي فوري بعد

نوٽ: اسٽينڊرڊ پروڪيورمينٽ دستاويزن ۽ اسپيسفڪ پروڪيورمينٽ نوٽيس جي تمام ٻيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا ئي رهندا.

چيف انجنيئر (ڊيولپمنٽ)
پروجيڪٽ مينجمنٽ يونٽ
حيسڪو حيدرآباد

PID(H) 222/2025

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو

IBRAT SANSAR

عبرت سنسار

68 Golden Jubilee Year

ibratsansar@yahoo.com

آچر 07 ڊسمبر 2025ع



سموري سنڌ کي سنڌ جي قومي عيد جُون مبارڪون

سنڌ سدائين جيئندي رهندي

مجيب ناريجو

اڄ سنڌ جي قومي عيد ڏهاڙو آهي. جنهن کي اسين ثقافت جو ڏهاڙو پڻ چئون ٿا. هن ڏينهن کي باقاعدہ ملهائڻ جي شروعات (2009ع ۾) قومي جذبي سان ٿي. جڏهن سنڌ سان تعصب رکندڙ هڪڙي معذور ذهنيت واري اينڪر طرفان سنڌي ٽوپيءَ جي حوالي سان بي ادبي ڪري سنڌي قوم جي روح کي رنجايو ويو ۽ موٽ ۾ سنڌ جي ميڊيا سنڌي ثقافت جي شان ۽ مانَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان ڪيو تہ سموري قوم، جيڪا محرومين ۽ ذلتن جي ڪيترن ئي ڏاڪن جو زهر آڏن ۾ سانديو ويٺي هئي، تنهن هن ڏينهن ڏهاڙي جي امرت جو ڍڪ پرڻ لاءِ 'ڪات منهنجي ڪنڌ تي، آئون نچندي اچان' واري جذبي جو سرشار اظهار ڪيو ۽ هر پاسي، گلي گلي، روڊ رستي، شهر شهر، واهڻ وستي وستي 'جيئي سنڌ، جيئي سنڌ جي ثقافت، جيئي سنڌي ٻولي' جا نعرا گوجڻ لڳا ۽ ڏياچ جي سر گهورڻ واري جذبي ۽ جُوجڪيءَ جا مڏ ڪٽورا سارو ڏيهہ ٻڌجي ويو تہ پياڪ بہ پوري سنڌ ٻڌجي وئي. سِر جو سانگو ڪيئن لهندو آهي، جن اهو پيگ پيتو هوندو، انهن کي پتو هوندو باقي انهن کي ڪهڙي خبر جيڪي ورهاڱي وقت پنهنجي ڌرتي ماءُ کي ڇڏي، والار واريون زمينون ۽ مال ملڪيت ملڻ جي لوڀ ۾ ڊڪجي ذليل خوار ٿي سنڌ ۾ آيا، نفرت جي سياست ڪيائون، ٿُڏن ۾ ٿُڏجي ٿڏجي نيٺ پنهنجي سياسي پيءُ منجهان بہ هٿ ڪڍي ويا، انهن کي ڪهڙي خبر تہ وطن ماءُ وانگر هوندو آهي، ننگ وانگر هوندو، ان جي وحدت انهيءَ ننگ جي چادر وانگر هوندي آهي ۽ ماءُ جي چادر جو تقدس غيرتمند قوم ئي ڄاڻندي آهي. انهن کي ڪهڙي خبر، جيڪي تڏهن هڏي لاءِ پڇونڪن ٿا يا سياست جا ڊراما لکندڙ پنهنجا اسڪرپٽ لکندي هنن کي سنڌ جي وحدت مٿان پڇونڪائن ٿا، ۽ وري هاڻي پنهنجي پُتلي باز آقا جي اشاري تي سنڌ امڙ کي ڀاڱا ڀاڱا ڪرڻ جا مطالبا ڪري سنڌ جي اندروني امن ۽ سڪون واري ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش سان، پنهنجي مئل سياسي گهوڙي کي جيئرو ڪرڻ جا وس هلائي رهيا آهن. جڏهن تہ هو سمجهن بہ ٿا تہ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي ۽ قوم سان ڪيتري شديد جذباتي وابستگي رکن ٿا. جنهنجو مشاهدو 167 سال اڳ تروٽ نالي هڪڙي جنرل ڪارونجهر جي پهاڙن (1858) ۾ ڪيو هو جڏهن هن پنهنجي تشدد جي انتها ڪندي روپلي کي آڪرين ۾ تيل ٻوڙيل ڪپهہ ٻڌي باهہ ڏني هئي. تڏهن بہ روپلي پنهنجي غيرت جو سودو ڪو نہ ڪيو هو. هيءَ قوم جڏهن پنهنجيءَ تي اچي ٿي تہ پهاڙ ٻڻجي بيهي رهي ٿي. ويجهي ماضيءَ ۾ ڪالا باغ ڊيم سميت سنڌ سڪائڻ جي منصوبن خلاف جدوجهد هجي يا پورب ڄائي نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت هجي، هن قوم رُڪ ٻڻجي ڏيکاريو تہ ظلم خلاف ڪيئن بيهي رهبو آهي. اهو قوم جو اجتماعي ظرف ڪواچ جونہ پر ازل کان آهي. سنڌ اهو خطو آهي، جنهن جي رهڻي ڪهڻي، جنهنجو مزاج امن ۽ سلامتيءَ وارو آهي، نہ رڳو پنهنجي پر سموري دنيا جي امن، ترقي ۽ خوشحال سنڌ جي ايمان جو اصل جز رهيو آهي. مالڪ حقيقيءَ جي پيغمبرن ۽ جڳ جهان جي وليئن ۽ بزرگن پڻ ان جي ساک ڀري آهي. هيءَ اها ڌرتي آهي، جيڪا دنيا جهان لاءِ مثال آهي، جنهن وٽ پنهنجو آفاقي پيغام آهي. جيڪا خالقِ ڪائنات جي وحدانيت ۾ پختو ويساهہ رکي ٿي، جيڪا ڪک پن ۾ ذري ذري، ڪک پنَ ۾ ان جي ذات جو جز هجڻ جي ساک ڀري ٿي. ايتري گهري مزاج واري قوم کي لوٽيو ڪو ٽولو ڪو قابض مافيا جو ڪارندو ٽولو، پنهنجي ڦرمار جو ڪوڙو دستور جاري رکڻ لاءِ ڇيهو رسائڻ جو سوچيندو تہ ماضيءَ جي ظالمن وانگر ذليل ۽ خوار ٿي خراب انجام کي پهچندو ۽ سنڌ سدائين پنهنجي لازوال هستيءَ سان جڳ ۾ جيئندي رهندي، سدائين جيئندي رهندي.

سنڌ بابت محققن ۽ مورخن جي راءِ

سنڌ جي سرزمين، علم، فن ۽ ٻين علمن جو پراڻي زماني کان سر چشمو رهي آهي. هتي جا عالم ۽ فقيهہ عالمي شهرت جا مالڪ رهيا آهن. جن جي علمي عظمت جو ڊاڪو ڏوران ڏيهہ مشهور هوندو هو جنهن جي ميتا، مشهور محققن ۽ مؤرخن بہ ڏني آهي. ابن صبعيہ (Abu Sabeeya) لکي ٿو تہ "سنڌ وارن وٽ علم ۽ حڪمت جو وڏو ذخيرو موجود آهي". اهو وڌيڪ لکي ٿو تہ "يونان ۾ اهو سڄو ذخيرو سنڌ مان ويو." ابو معشر (Abu Muishir) لکي ٿو تہ "سنڌ جي علم ۽ فن، حڪمت ۽ فلسفي ۾ ان کانسواءِ سڄي دنيا جي قومن کان وڌيڪ، سنڌين جي علم ڏانهن رغبت ڪي، دنيا جي سيني قومن مڃيو آهي." اخبار الحڪماءِ ۾ آيل آهي تہ "دنيا جي سيني قومن ۾، سنڌ علم ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي ۽ سنڌ عدل ۽ سياست جو پهريون مرڪز آهي، اسان جي ملڪ کان ٻري هٽڻ ڪري، سنڌ جا ڪتاب، اسان جي عالمن تائين گهٽ پهتا آهن. پر پوءِ بہ اسان وٽ جيڪو ڪجهہ بہ آهي اهو تمام گهڻو آهي." حضرت علي عه فرمايو آهي تہ "سنڌ جي سرزمين اُها علم ۽ برڪت واري زمين آهي، جتان علم ۽ عرفان جو سج اڀريو". پر افسوس جو پرتگالين سنڌ تي ڪاهہ ڪانپوءِ مڪلي ۽ ٺٽي ۾ سوين لائبرئرين (ڪتب خانن) ۽ يونيورسٽين (مدرسن) کي ساڙي ڇڏيو هو. (**حوالو: وڪي پيڊيا**)

ڪوٽ غلام محمد ۾ ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان تقريب، مشاعرا، ادبي ڪچهريون منعقد

خانگي اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب تي تقريرون، ٽيبلوز سنڌي گيتن تي جهمريون هنيون

ڳوٺ گهمن ڪالرو ۾ سنڌ شاگرد سڀا پاران عورت جي آزادي ـ سنڌ جي خوشحالي جي عنوان سان ادبي ڪچهري منعقد ڪئي

سگهڙن ۽ شاعرن سنڌ جي تاريخي تهذيب، روايتن ۽ ثقافتي ورثي تي خوبصورت ڪلام پيش ڪيو

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر) سنڌي ميڊيا پاران 7 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ واري سڏ تي تعلقو ڪوٽ غلام محمد سڄو ڏينهن ثقافتي رنگن جي انڊلٺ ٻڌيل رهيو. شهر کان ڳوٺن تائين مختلف هنڌن تي ثقافتي تقريبون، مشاعرا، ادبي ڪچهريون ۽ شاگردن جا ٽيبلو منعقد ڪيا ويا، جتي سنڌي تهذيب جا رنگ نروار ٿي ويا. شهر جي نالي واري خانگي تعليمي اداري دي انوويٽرز اسڪول ۾ سجيل ۽ وقار ڀري تقريب اونر ايم طلحہ قائمخاني ۽ ايڊمنسٽريٽر مزمل پنهور جي ميزباني هيٺ ڪوٺائي وئي تقريب ۾ ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني پ پ تعلقہ صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي، ٽائون وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد آرائين سميت والدين، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شاگردن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب تي تقريرون ٽيبلو سنڌي گيتن تي جهمريون ۽ رقص پيش ڪري محفل کي موهي ڇڏيو. شاگردن پاران پيش ڪيل گهوٽ ڪنوار جو علامتي ٽيبلو تقريب جا رنگ ٻيڻا ڪري ڇڏيا. اسڪول انتظاميہ مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي طور اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا. ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ گهمن ڪالرو ۾ حاجي محمد عرس ڪالرو جي اوطاق تي سنڌ شاگرد سڀا پاران عورت جي آزادي ـ سنڌ جي خوشحالي جي عنوان سان ثقافتي ادبي ڪچهري اياز ڪالرو، آصف ڪالرو ۽ ارشاد ڪالرو جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ قومي ويس سنڌي اجرڪ ٽوپي ۽ پٽڪا پاتل نوجوانن ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سگهڙن ۽ شاعرن سنڌ جي تاريخي تهذيب، روايتن ۽ ثقافتي ورثي تي خوبصورت ڪلام پيش ڪيو جڏهن تہ نوجوانن جي جهمرين ۽ ثقافتي ڳائڻن محفل جو ماحول روشن ڪري ڇڏيو تقريب ۾ ڳوٺاڻن اعلان ڪيو تہ 7 ڊسمبر سنڌي ثقافتي ڏهاڙو عيد جيان هر سال ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو

ڪوٽ غلام محمد: ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان تقريب، مشاعرا، ادبي ڪچهريون منعقد

سجاول جي نئين آيل ضلعي قيادت جي مان ۾ آجياڻو

محمد علي ملڪاڻي، ريحانہ لغاري، منظور رحيم پليجو سميت ٻين جي شرڪت

پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي ضلعي صدر پاران محمد علي ملڪاڻي کي پٽڪو ٻڌايو ويو

سجاول (ڊ ر) پيپلز پيرا ميڊيڪل ضلعي سجاول پاران پيپلز پارٽي ضلع سجاول جي نئين آيل ضلعي قيادت جي مان ۾ شايان شادي هال ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ پيپلز پارٽي ضلع سجاول جو صدر ۽ صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جنرل سيڪريٽري ايم پي اي ريحانہ لغاري انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو سميت ٻين جي مان ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي ضلعي صدر ڪي بي جت پاران ضلع صدر صوبائي وزير رئيس محمد علي خان ملڪاڻي کي سنڌ جي ثقافت پٽڪو ٻڌايو ويو ۽ آيل سمورن مهمانن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا تقريب ۾ پيپلز پارٽي ضلع سجاول جو عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ رئيس اقبال موسٽي خان چانڊيو ارباب رميز الدين ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري ساگر ميمڻ ذوالفقار چانڊيو تعلقہ صدور ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ حاجي محمد قريشي محمد يوسف جمالي فردوس عزيز ميرٻحر سڪينہ سنڌو جميلا سومرو عائشہ سوهو خورشيد بيگم شهمير گبول علي نواز خاصخيلي ايڊووڪيٽ لياقت علي جماري ارباب ابراهيم ميمڻ عبدالله خان لغاري شفقت حسين شاهہ مٽياري اڪبر زنگيجو ڊاڪٽر وزير علي ميمڻ عارف ابڙو محمد جمن جت شفيع محمد لغاري غفور ميمڻ سميت پارٽي ضلع جي عهديدارن تعلقن جي عهديدارن يونين ڪائونسلن جي عهديدارن پارٽي ورڪرن پيپلز پيرا ميڊيڪل ونگ جي عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سجاول:محمد علي ملڪاڻي، ريحانہ لغاري، منظور رحيم پليجو سميت ٻين جي شرڪت

حيدرآباد گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج ۾ رنگا رنگ ثقافتي ڏينهن جي تقريب

تقريب ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز آفتاب احمد راجپوت خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

پروگرام ۾ شاگردن پاران "امن" جي موضوع تي اسٽيج ناٽڪ پيش، گلوڪار معشوق ڪوڪر ۽ فداحسين ابڙي قومي گيت پيش ڪيا

هن قسم جون سرگرميون شاگردن جي لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن:غلام مصطفيٰ ڏاهري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد پنهنجي روايت کي قائم رکندي هن سال پڻ جوش ۽ جذبي سان ثقافتي ڏينهن جو رنگين پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن پنهنجي فن، جذبي ۽ ثقافتي وابستگيءَ جو شاندار مظاهرو ڪيو. تقريب ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز آفتاب احمد راجپوت خاص مهمان طور شرڪت ڪئي پروگرام جي شروعات دوران پرنسپل پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو تہ هن قسم جون سرگرميون شاگردن جي لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن انهن ۾ اعتماد، ثقافت سان پيار ۽ قومي سڃاڻپ جو احساس وڌي ٿو ايڊيشنل ڊائريڪٽر آفتاب احمد راجپوت شاگردن جي پرفارمنس کي ساراهيندي چيو تہ نوجوان اسان جو مستقبل آهن ۽ هن قسم جا پروگرام انهن ۾ ملڪ ۽ ثقافت سان محبت وڌائي سماج لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي همت ڏين ٿا. پروفيسر ستار سروهي ثقافت جي اهميت بابت شاگردن کي آگاهي ڏني. سندس چوڻ هو تہ اسين هڪ شاندار ثقافتي ورثي جا امين آهيون. پنهنجي نئين نسل کي انهيءَ ورثي کان آگاهي ڏيڻ اسان تي فرض آهي. پروگرام دوران شاگردن "امن" جي موضوع تي هڪ انتهائي جذباتي اسٽيج ناٽڪ پيش ڪيو جنهن کي ڏسندي حاضرين جون اکيون آليون ٿي ويون. مشهور سنڌي گلوڪار معشوق ڪوڪر ۽ فداحسين ابڙي قومي گيت ڳائي محفل کي جهومڻ تي مجبور ڪري وڌو جڏهن تہ فرسٽ ييئر جي شاگرد محمد طاها شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وائي پيش ڪري حاضرين کان داد وصول ڪيو بايزيد علي پڻ "مست قلندر" ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو. تقريب ۾ معزز مهمانن پروفيسرز ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري سنڌي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو.

حيدرآباد: گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج ۾ رنگا رنگ ثقافتي ڏينهن جي تقريب

سڪرنڊ گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي ميلو ۽ داخلائن جي آگاهي تقريب

سڪرنڊ (س ر) گورنمينٽ ايليمينٽري سيڪنڊري اسڪول پير ڏاڪري پاران ثقافتي ميلو ۽ داخلائن جي حوالي سان هيڊ مسٽريس غلام ڪبريٰ سومرو جي ميزبانيءَ هيٺ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ميڊم رضوانہ مگسي ، سنڌ ٿنڪرس فورم جي چيئرمين سيد محمد منير شاهہ ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي مهمان طور شرڪت ڪئي جن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍايون ويون تنهن مهمانن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ توڙي جو هزارين سال پراڻي تهذيب رکي ٿي پر حالتن ، مصروفيتن ۽ زماني جي ڌڪ سبب اسان جي شاهوڪار تهذيب ماٺار جو شڪار هئي جنهن کي سنڌي ميڊيا ٻيهر روشناس ڪرايو جنهن جو سبب اهو آهي جو نوجوان نسل پنهنجي ثقافت کان واقف ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ ان ڳالهہ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ جيڪڏهن سنڌي ميڊيا ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ وارو اعلان نہ ڪري ها تہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سنڌ جي ثقافت صرف ڪتابن

ميڊم غلام ڪبريٰ سومرو کي سلام ٿا پيش ڪيون جنهن شاندار پروگرام جو اهتمام ڪيو آهي ان کان اڳ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر چندر مل اوڊ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو پروگرام دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين جيڪي قومي لباس پهريل هئا تن سنڌي گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ان موقعي تي ممتاز چانڊيو ، عاشق پٺاڻ ، عارف خانزادہ ، غلام علي عمراڻي ۽ غلام نبي ملاح سميت ڪئي استاد شريڪ هئا

گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي ڪلچر ڊي جي حوالي سان پروگرام

شاگردن سنڌي ثقافت سان لاڳاپيل دلڪش ٽيبلوز تقريرون ۽ خاڪا پيش ڪيا، سنڌي گيتن تي جهمريون

ڪاليج ۾ هر سال ثقافتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهڙا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن:اڳواڻ

گهوٽڪي(ڊ ر) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ سنڌي ڪلچر ڊي جي موقعي تي رنگا رنگ ثقافتي پروگرام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌي روايتن تهذيب ۽ ورثي کي ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيو ويو. تقريب جي صدارت ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالحفيظ دايو ڪئي جڏهن تہ استادن شاگردن دانشورن ۽ سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. جن ۾ تعلقي جي ايجوڪيشن آفيسر محمد بخش عارباڻي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پتي لالا اسدالله پٺاڻ پروفيسر الطاف احمد ملڪ عبدالسليم چاچڙ ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن عبدالله مهر پروفيسر حاڪم علي دايو پروفيسر عبدالرؤف شيخ پروفيسر اڪشي ڪوريڪا، پروفيسر شفيق الرحمان رڪ حافظ عبدالعزيز حافظ محمد الياس ۽ ٻيا شامل هئا. تقريب جو باقاعدي آغاز تلاوت قرآن پاڪ سان ڪيو ويو. ان بعد شاگردن سنڌي ثقافت سان لاڳاپيل دلڪش ٽيبلوز تقريرون ۽ خاڪا پيش ڪيا، جن ۾ روايتي رقص، لوڪ گيت، ثقافتي تقريرون ۽ اسڪيچز شامل هئا. شاگردن سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي پائي پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ کي خوبصورتيءَ سان نمايان ڪيو. پنڊال کي بہ روايتي سنڌي آرٽ، ڀرتن ۽ ثقافتي شين سان سينگاريو ويو هو. هن موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ پروفيسر عبدالحفيظ دايو چيو تہ: "سنڌي ثقافت محبت، امن ڀائيچاري ۽ مهمان نوازي جي علامت آهي. اسان جي تهذيب هزارين ورهين پراڻي آهي ۽ اسان کي هن ورثي تي فخر آهي. نوجوان نسل کي گهرجي تہ هو پنهنجي ثقافت سان جڙيل رهن تہ جيئن اهي رنگ هميشہ تازا رهن" هن وڌيڪ چيو تہ ڪاليج ۾ هر سال ثقافتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهڙا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن. تقريب جي اختتام تي ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن سنڌي ثقافتي گيت هو جمالو تي رقص پڻ پيش ڪيو. هن موقعي تي شرڪت ڪندڙ ثقافتي پروگرام جي تعريف ڪندي چيو تہ اهڙيون سرگرميون نہ صرف طلبا ۾ اعتماد پيدا ڪنديون آهن پر انهن کي پنهنجي ٻولي، لباس ۽ روايتن سان جڙڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪنديون آهن.

گهوٽڪي: گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي ڪلچر ڊي جي حوالي سان پروگرام

راڌڻ ۾ شاگرد نوجوان اتحاد راڌڻ پاران جشنِ لطيف جو پروگرام منعقد

تقريب ۾ سردار مير مظهر حسين جهتيال سميت سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

پروگرام جي آخر ۾ قومي راڳي دلدار اوٺو قومي گيت پيش ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ۾ هر سال جيان هن سال بہ "شاگرد نوجوان اتحاد راڌڻ" پاران جشنِ لطيف جو شاندار پروگرام راڌڻ ميهڙ روڊ الشهباز شادي هال ۾ منعقد ڪيو ويو پروگرام جي اڳواڻي شاهزيب ڪليان عطاالله بروهي، بابر انور جتوئي ۽ ٻين ڪئي پروگرام جي باضابطہ شروعات سنڌ جي قومي ترانہ سان ڪئي وئي تقريب ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سردار مير مظهر حسين جهتيال راجوڻي اتحاد جي سرواڻ شاهد قمر سولنگي ايس ٽي پي اڳواڻ علي شير جونيجو راڌڻ پريس ڪلب جي صدر اقبال احمد مگنهار دليپ ڪمار سچديو راشد شيخ پ پ اقليتي ڪائونسلر سميت ڪمار راجاڻي جي ڊي اي جي چونڊيل ڪائونسلر فقير صابر حسين راڌڻ محمد حسن خاصخيلي محمد حسن جاٽوري ۽ راڌڻ ۽ آس پاس جي ڳوٺن جي نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جي صدارت آصف علي جروار ڪئي جڏهن تہ خصوصي خطاب اعزاز علي پيرزادو ڪيو آخر ۾ قومي راڳي دلداد اوٺو قومي گيت پيش ڪري محفل جو جوش ٻيڻو ڪري ڇڏيو

راڌڻ: تقريب ۾ سردار مير مظهر حسين جهتيال سميت سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ڪيٽي بندر لڳ اوچتو واڙي کي باهہ وڪوڙي وئي، 8 ڏور سڙي ويا

ڳوٺ جنگيسر ۾ گڙيو ملاح ۽ حسن جي واڙي کي باهہ پنهنجي وڪڙ ۾ آندو

باهہ لڳڻ سبب 6 ۽ هڪ ٻڪري زخمي ٿي پيون هڪ سڙي رک، لکين رپين جو نقصان

ڳاڙهو (ن ع) ڪيٽي بندر ٿاڻي جي حد ڳوٺ جنگيسر ۾ واڙي ۾ اوچتو باهہ لڳڻ سبب 8 ڏور 7 مينهون هڪ ڳئون سڙي ويا ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهہ تي ڪنٽرول ڪيو جنگيسر ۾ عارب گجڙيو ملاح ۽ حسن گجڙيو ملاح جي گهر وٽ واڙ ۾ ٻڌل مينهن جي ڏورن کي باهہ وڪوڙي جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڏور سڙي ويا جنهن مان هڪ مينهن مري وئي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهہ تي ڪنٽرول ڪيو ياد رهي تہ ساموندي پٽي جي علائقن ۾ فائر برگيڊ گاڏي نہ هجڻ سبب باهہ جي واقعي ۾ وڏيڪ نقصان ٿي ٿو پر اختياريون ڪو بہ تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار نہ آهن

ڄام صاحب پرسان ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان پرائمري اسڪول ثقافتي پروگرام منعقد

ڄام صاحب (ن ع) ڄام صاحب پرسان ڳوٺ حاجي محمد ڏوٿڙو ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي محمد ڏوٿڙو ۾ هڪ عاليشان ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو اسڪول جي استادن استاد حاجي خان ڏوٿڙو استاد افضل آرائين ۽ شاگردن عبدالغني ،شاباز علي ،ارم ۽ ٻين پاران سنڌ جي هزارين سال ثقافت جي حوالي سان تقريرون ڪيون ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ قومي گيتن تي رقص ڪيو اسڪول جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون سنڌي ويس پهري آيا جنهن ۾ سنڌي ثقافتي رنگ نکري آيا، هنن چيو تہ سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو اسان قومي عيد ڪري

ٽنڊو ڄام جي مختلف سرڪاري اسڪولن ۾ ثقافتي تقريبون منعقد

تقريبن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جون قومي گيتن تي رقص، ٽيبلوز ۽ تقريبون پيش

سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي، جيڪا نسلن ذريعي منتقل ٿيندي پئي اچي:اڳواڻ

ٽنڊوڄام(ٽ ر) ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ٽنڊو ڄام جي مختلف سرڪاري اسڪولن ۾ ثقافتي تقريبون، شاگردن ۽ شاگردياڻين جون قومي گيتن تي رقص، ٽيبلوز پيش. خبر موجب ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ٽنڊوڄام جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول فارم ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ گهوٽ ڪنوار جو ٽيبلوز پيش ڪيو جڏهن تہ قومي گيتن تي جهمريون هنيون ويون. انهي موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر گلزار ڪليري، فرحان سومرو ۽ ٻين سنڌ جي قديم ثقافت تي روشني وڌي. ٻئي پاسي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مير شاهہ محمد ٽالپر ۾ پڻ ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن شاگردياڻين سميت استادن ثقافتي لباس پهري شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ٻارڙن پاران قومي گيت ڳايا ويا، ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا. جڏهن تہ ٻارڙن گيتن تي رقص ڪري استادن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو انهي موقعي تي تقريب جي مهمان خاص ٽي اي او تعلقہ حيدرآباد ڀهراڙي اقبال جمالي، هيڊ ماسٽر عالم صبحپوٽو نزاڪت خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي، جيڪا نسلن ذريعي منتقل ٿيندي پئي اچي. هنن چيو تہ جن قومن پنهنجي ثقافت کي وساريو انهن جو نالو نشان ئي دنيا تان متجي چڪو آهي اسان کي پنهنجي خوبصورت ثقافت تي فخر آهي، جيڪا دنيا جي قديم ثقافت مان هڪ آهي.

حيدرآباد جي رهواسڻ جو مڙس ۽ پٽ جي مبينا ظلم خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڊيفي سٽي جي رهواسڻ ناهيد قريشي مڙس ۽ پٽ جي مبينا ظلم خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن چيو تہ هڪ رات اڳ ستلس ۽ مڙس گهر ۾ گهري مارڪٽ ڪئي ۽ گهر تي قبضي جي ڪوشش ڪئي.هن الزام هنيو تہ مڙس عزيز الله ۽ پٽ اسد الله کان جاني ۽ مالي خطرو آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ ماسري جو نوٽس وٺي تحفظ ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم ۾ ڄام نواز علي واسي ڳوٺاڻي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ٽنڊوآدم (ن ع) تعلقي ڄام نواز علي جي ڳوٺ ٻالو خان ملوڪاڻي جي رهواسي امير علي ملوڪاڻي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو آهي تہ اسان جي زمين يوسي ڄام ڄاڻي جي ديهہ 61 جمڙائو ۾ آهي جنهن تي غلام حيدر ملوڪاڻي . غلام قادر ملوڪاڻي ۽ ٻيا قبضو ڪرڻ ٿا چاهين جنهن تي هن وقت سرنهن ۽ ڪڻڪ جو فصل ڪاهيل آهي منهنجو ڀاءُ غلام مرتضي ملوڪاڻي زمين تي ويو تہ مذڪوره ماڻهن مٿس حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ زخمي ڪري ڇڏيو ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون تہ زمين تي نہ اچو ۽ جڏهن آئون ڀاءُ سان گڏ ويس تہ اهي هٿيار ۽ لٺيون کڻي آيا اسان ڀڄي جان بچائي هن چيو تہ اسان دلور موري پوليس کي ڏانهن ڏني پر پوليس ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي هن چيو تہ پوليس جوابدارن سان ڀٽ ٻڌيل آهي جوابدار جيڪي منشيات جو ڪاروبار ڪن ٿا اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن مان اسان کي جاني نقصان جو خطرو آهي.

ٽنڊوالهيار ۾ ايم سي چيئرمين جو گٽرن جي کليل ڍڪڻن جو نوٽس

عملي پاران پهرين مرحلي ۾ حيدرآباد-ميرپورخاص مين نالن جي گٽرن کي ڍڪڻ هڻڻ شروع ڪيا

عوام جي تڪليف ختم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، ڏينهن رات خدمت ڪري رهيا آهيون: ثمر شاهہ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو الهيار جي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهہ ... ميرپورخاص روڊ برابر مان لنگهندڙ ٻن مين نالن جا جيڪي بہ کليل يا ٽوٽل ڍڪڻ آهن انهن

ايم ڪيو ايم هميشہ شهرين جي ڀلائي بدران لسانيت جي سياست ڪئي آهي:عدنان رشيد

ايڇ ايم سي پاران شهر جا ترقياتي ڪم ڪرائڻ ميئر جي ڪارڪردگي تي اعتماد جو اظهار آهي

حيدرآباد ۾ گٽرن جا ڍڪڻ لڳائڻ جو ڪم سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ کي ڏنو ويو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي مختلف ٽائون تي پ پ جي چونڊيل چيئرمين عدنان رشيد، عمير چانڊيو، مختار جتوئي عبدالغفور درس ۽ ٻين ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ايم ڪيو ايم جي ... ڪارڪردگي تي اعتماد جو اظهار آهي. هنن چيو تہ ايم ڪيو ايم هڪ طرف بلدياتي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ اختيار ڏيڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي ٻئي طرف بلدياتي ترقياتي ڪمن کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهي آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپور پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 07 ڊسمبر 2025ع

قومي ڪاڄ طور ملهايو ويندڙ سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو!

سنڌ جي فڪري حلقن ۾ ڪيترن سالن کان هڪ ڳڻتي موجود رهي آهي ته اسان جي قوم پنهنجي تاريخي عظمت جي باوجود عالمي سطح تي اها سڃاڻپ ڇو نه حاصل ڪري سگهي، جنهن جي اها حقدار آهي؟ سنڌ جهڙي تهذيب، جيڪا موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين انسان جي ذهني ترقيءَ کي حيران ڪري ڇڏي ٿي، آخر ان کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟ هزارين ورهين پراڻي تهذيب جا اهي شهر جن ۾ منظم گهٽيون، پڪا گهر، پاڻيءَ جو پڪو بندوبست ۽ تهذيبي شعور جا پڪا ثبوت موجود آهن، اڄ جي دنيا کي ٻڌائين ٿا ته هيءَ ڌرتي ڪنهن معمولي قوم جي نه پر هڪ مهذب ۽ فڪري طور تي پختي قوم جي وارث رهي آهي.

انهن ڳڻتين، سوالن ۽ تجويزن مان ئي ان سوچ جنم ورتو آهي ته سنڌي پنهنجي وجود، پنهنجي ٻولي پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تهذيب کي هڪ اهڙي صورت ۾ پيش ڪن جيڪا صرف رسمن تائين محدود نه هجي پر پنهنجي سڃاڻپ کي عالمي سطح تي منظم انداز ۾ پيش ڪري. هن سوچ اڳتي هلي ثقافتي ڏينهن جي صورت ۾ عملي روپ اختيار ڪيو جيڪو هاڻي نه رڳو سنڌ پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ملهايو وڃي ٿو جتي جتي سنڌي آباد آهن. جيتوڻيڪ اهو ڏينهن اڃا مڪمل ادارتي ڍانچي تائين نه پهتو آهي پر اها به حقيقت آهي ته هر گذرندڙ سال سان ان جي اثرائتيت وڌي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڏينهن جا مقصد عوام جي اميدن سان جڙيل آهن ۽ لوڪ ئي ان کي پنهنجي معنيٰ ڏين ٿا.

ثقافتي ڏينهن تي سنڌ جا رستا اجرڪن سان، ٽوپين جي شان سان ۽ سنڌي گيتن جي سُرن سان روشن ٿين ٿا. ننڍين ٻارن کان وٺي پوڙهن ۽ نياڻين تائين پاڻ کي سنڌي هجڻ تي فخر محسوس ڪن ٿا. جيئن اهو ڏينهن سندن گڏيل خوشيءَ يا قومي سڃاڻپ جي جشن جو ڏينهن هجي. پر سنڌي ثقافت جو اصل جوهر ان کان گهڻو اڳتي آهي. سنڌي ثقافت ڳالهائيندي آهي محبت، امن، سچائي، انسان دوستي ۽ علم پرستيءَ جي. اها ٻڌائي ٿي ته ڌرتيءَ سان نسبت صرف جذباتي ڳالهه نه پر هڪ ذميواري آهي. ثقافتي ڏينهن اسان کي اهو به ياد ڏياري ٿو ته اسان کي پنهنجا مسئلا به انهن ئي رنگن سان ڏسڻ گهرجن جن رنگن کي اسان جشنن ۾ استعمال ڪريون ٿا. وڏيرڪو نظام، استحصالي سياست، عورتن سان زيادتيون، تعليم کان محرومي، روزگار جون تڪليفون ۽ جاگيردارن جو حاوي اثر؛ اهي سڀ اهڙا سماجي ڍانچا آهن، جيڪي سنڌي ثقافت جي اصل روح سان ٺهڪندڙ نه آهن. جيڪڏهن اسان رڳو جشن ملهائينداسين پر ظلم خلاف آواز نه اٿارينداسين ته پوءِ اسان جي ثقافت جو مطلب اڌورو رهجي ويندو.

اهڙي پسمنظر ۾ هن سال ثقافتي ڏينهن کي 'سنڌ جو قومي ڪاڄ' طور ملهائڻ هڪ نهايت حساس ۽ سٺو فيصلو آهي. تنهنڪري ثقافتي ڏينهن جو اصل پيغام اهو هجڻ گهرجي ته اسان پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت کي پنهنجي قومي فرض جي حيثيت سان ڏسون ٿا. سنڌي ثقافت جو ڏينهن اسان کي پنهنجي ماضيءَ تي فخر ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل کي سنوارڻ جو پيغام ڏئي ٿو. سڃاڻپ تڏهن مضبوط ٿئي ٿي جڏهن قوم پنهنجن مسئلن، پنهنجن وسيلن ۽ پنهنجي ورثي جي حفاظت ۾ گڏيل آواز بڻجي ٿي.

تنهنڪري اسان ته اهو ئي چونداسين ته هن سال ثقافتي ڏهاڙي جو جيڪو موضوع رکيو ويو آهي، يعني "سنڌ جو قومي ڪاڄ" اهو حقيقت ۾ به قومي ڪاڄ آهي، ڇو ته هتي سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهو پوءِ اهو ڪنهن به ذات سان واسطو رکندڙ ڇو نه هجي پر اهو هن ڏينهن کي "قومي ڪاڄ" طور ملهائيندو آهي.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سانڌه سَپ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جي؛
ڇڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جِيَ وڙاهُ؛
پَسيو ڏوه ڏکي هڻئون، آرَ مَتي اَرواحَ؛
جي توءِ ٿئي توڙائهن، ته وِيرَ وَهيٽو ناهه ڪي.
(سُر سهڻي)

وڇايل رستا


منظور ڪوسو

وڃڻ جا مليل ڏس ۽ رستا ڇاليا سين ته وڃي اوڙاهه ۾ ڪريا سين پر جيڪڏهن انهن سبقن کي پختو ڪندي ڏٺي سنڀاليون ها ته اڄ هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها. گلستان ۽ بوستان جهڙي جڳ مشهور حڪمت ڀريل ڪتابن جو ليکڪ شيخ سعدي رح. جا ته اعليٰ ڳالهه ٻڌائي ٿو

بني آدم اعضاي يڪ ديگرند،
ڪه در آفرينش زيڪ گوهرند.
آدم جي اولاد هڪ جسم جي عضون جيان آهن.
جو هڪ ئي گوهر جا عنصر آهن.
چو عضوي بدرد آورد روزگار،
دگر عضو هارا نماند قرار.
جڏهن هڪ عضو کي تڪليف پهچندي آهي،
ته هن جا ٻيا عضوا بيقرار ٿي ويندا آهن.
تو ڪز محنت ديگران بي غمي،
نشايد ڪه نامت نهند آدمي.
توکي جيڪڏهن ٻين ماڻهن جي غم جو فڪر ناهي،
ته توکي ماڻهو چوڻ مناسب ناهي.

[illegible]

ثقافت جو ڏينهن ۽ صوفياڻي رنگن ۾ رڱيل سنڌ...!

غلام مصطفيٰ جمالي

سنڌي ڪلچر ڊي يا قومي ڪاڄ جو ڏينهن، جيڪو سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ نه رڳو سُر ڏئي ۽ رنگ ڀري ڇڏيندو آهي پر سنڌ جي وجود کي صدين پراڻي تهذيب، ثقافت ۽ روايتن سان نئين سِر جوڙيندو آهي جڏهن به سنڌي ماڻهو اجرڪ اوڍين ٿا، ٽوپي پائين ٿا، پٽڪو ٻڌن ٿا، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائين ٿا، پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪن ٿا، تڏهن اهو صرف روايتي ادا ناهي هوندي پر هڪ تاريخ سان ملاقات، تهذيب سان گفتگو ۽ پنهنجي وجود جي سڃاڻپ سان نئون عهد هوندو آهي سنڌو ماٿري جيڪا انساني تمدن جي امڙ سڏجي ٿي، اها فقط مٽي نه آهي، اها ته روحاني خوشبو آهي، جنهن ۾ انسانيت، محبت، سهپ ۽ سمجهه جا اڻمٽ نقش چٽيل آهن اڄ 7 ڊسمبر سنڌي قومي ڪاڄ جو اهو لمحو آهي، جڏهن سڀ احساس گڏ ٿي ويندا آهن ۽ انسان پنهنجو پاڻ کي انهيءَ هير ۾ رهيل محسوس ڪندو آهي، جيڪا هزارين ورهين کان اڄ تائين انساني دلين کي سلامتي، پاٻوهه ۽ امن جو پيغام ڏئي رهي آهي. قومي ڪاڄ يعني سنڌي ڪلچر ڊي ظاهر ۾ ته فقط هڪ ڏهاڙو آهي پر اصل ۾ اهو ڪيترن ئي صدين جو سفر آهي اهو سفر موهن جي دڙي کان شروع ٿيو جتي انساني تهذيب جا پهريان نقش وجود ۾ آيا، جتي ماڻهن جي سوچن ۾ محبت به هئي ته نظم به. هو جتي ماڻهو پنهنجو ماحول پنهنجي معاشرت ۽ پنهنجي ماڻهن سان گڏجي هڪ تعمير ڪندڙ قوم جو روپ اختيار ڪيو سنڌ جي ثقافت ان دور کان وٺي اڄ تائين پنهنجي سونهن، پنهنجي عظمت ۽ پنهنجي روحاني حسن کي برقرار رکيو اچي پئي اهو ئي سبب آهي جو جڏهن سنڌي ماڻهو قومي ڪاڄ جهڙو ثقافتي ڏينهن ملهاين ٿا ته هو رڳو ماضيءَ کي ياد نٿا ڪن پر ان ماضيءَ مان روشني وٺي پنهنجي حال ۽ مستقبل لاءِ نئون رستو ڳولهين ٿا. سنڌي لباس، پٽڪو، ٽوپي، اجرڪ ڳهڻا، ڪڙهايون، لوڪ ادب، موسيقي، ناٽڪ، ڪهاڻيون ۽ ٻولي اهي سڀ انسان جي شعور سان ڳنڍيل شيون آهن اجرڪ جا ڳاڙها ۽ نيرا رنگ صرف ڪپڙو ناهن پر اهي ته سوچ جو اظهار آهن اهي ته تاريخ آهن اهي صوفين جي پيغام، شاعرن جي تخليق ۽ ڪاريگرن جي محنت سان ڀريل هڪ ڪتاب آهن. جڏهن ڪو سنڌي شخص اجرڪ اوڍي ٿو، تڏهن اهو خود کي صديون پراڻي ورثي سان ڳنڍيل محسوس ڪري ٿو ٽوپي پنهنجي سادگيءَ ۾ عجيب شان رکندي آهي، جنهن جا نڪتي نقش ماڻهن جي دلين ۾ به اهڙي نموني اُڪريل آهن، جيئن ڪنهن شاعر جي شاعري ڪنهن دل ۾ پختي ٿي ويهي ٿي. اڄ 7 ڊسمبر جي قومي ڪاڄ ثقافتي ڏينهن تي سنڌ جا شهر، ڳوٺ، دڙا ۽ جهوپڙيون سڀ هڪ سُر ۾ هم آواز ٿين ٿيون. رستا خوشبوءِ سان مهڪڻ لڳن ٿا، جتي نوجوان نچن ٿا، ڳهوٽ وري پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ کي پنهنجي آواز ۾ ڳائين ٿا، ننڍڙن ٻارن جا چهرا مسڪراهٽ سان ڀرجي اچن ٿا. ڇوڪريون سنڌي ڪڙهائي ۽ زيورن سان سُرهو منظر بڻجن ٿيون. اهو ڏينهن ماڻهن کي ياد ڏياري ٿو ته ثقافت فقط ماضيءَ جي شيءِ ناهي پر اها موجوده دور ۾ به اوتري ئي اهم آهي، جيتري اڄ کان سوا صدي اڳ هئي.

سنڌ جي تهذيب جو سڀ کان وڏو حسن ان جي انسان دوستي آهي شاهه لطيف، قلندر شهباز، سچل سرمست ۽ ٻين صوفي بزرگن جو پيغام سنڌ جي ثقافت جو بنيادي رنگ آهي هن ڌرتيءَ جا ماڻهو محبت کي پنهنجو مذهب ۽ مروت کي پنهنجي جاگير سمجهندا آهن ثقافتي ڏينهن انهن عظيم ڏاهن کي به ياد ڪري ٿو جن پنهنجي شاعريءَ، فڪر ۽ تعليم سان انسانيت جي راهه کي اُجارو ڪيو هو سنڌي قومي عظيم رهبر شاهه لطيف پنهنجي بيتن ۾ جنهن سهپ، صبر ۽ محبت جو درس ڏنو آهي اهو ئي سنڌي ثقافت جو اصل مرڪز آهي اڄ 7 ڊسمبر جو قومي ڪاڄ جو ڏينهن جڏهن ماڻهو صوفي ڪلامن تي جهومي رهيا آهن جڏهن شاهه جي رسالي جون سِٽون هر طرف ڳونجي رهيون آهن جڏهن ڌرتي پنهنجي رقص ۾ مگن آهي اهو منظر صديون پراڻي تهذيب جو وري هڪ ڀيرو ٻيهر زنده ٿيڻ وانگر محسوس ٿي رهيو آهي قومي ڪاڄ يعني سنڌي ڪلچر ڊي اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو ته ڪهڙيءَ طرح هڪ قوم پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ورثي ۽ پنهنجي فڪر کي زنده رکندي آهي انهن ئي احساسن سان ڪڏهن هڪ شاعرن جا بيت زنده رهن ٿا، ڪڏهن فنڪارن جا ساز وڄن ٿا ته ڪڏهن ماڻهن جي اکين ۾ محبت نظر اچي ٿي سنڌي ثقافت جو هڪ وڏو حصو عورتن جي هٿن جو هنر به آهي ڪڙهائي، سوئي ڌاڳو، ڀورل، رلي ناهڻ ڪپڙي تي نقشنگاري ۽ روايتي زيورون ناهڻ اهي سڀ صرف هنر نه آهن پر اهي سنڌي عورتن جي تخليق، محنت ۽ محبت جو داستان آهن اهو ڏينهن انهن هٿن جي به عزت ڪري ٿو، جيڪي هن ڌرتيءَ جي ثقافتي ورثي کي نسلن تائين پهچائي رهيا آهن جڏهن ڪنهن ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي اجرڪ جا نقش سيکاري ٿي، تڏهن اها فقط هنر نٿي سيکاري پر تاريخ جو باب پنهنجي هٿن سان پنهنجي ايندڙ نسل جي حوالي ڪري ٿي قومي ڪاڄ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي تي دنيا ڏي اهو پيغام وڃي ٿو ته ثقافت انسانن کي جوڙي ٿي جڏهن مختلف ذاتيون، مذهب، ٻوليون ۽ برادريون هڪ لباس، هڪ جشن ۽ هڪ محبت جي اظهار وسيلي گڏ ٿين ٿا، تڏهن انساني دلين ۾ فاصلا گهٽجڻ لڳن ٿا. قومي ڪاڄ جو ڏهاڙو سنڌي ثقافت جو سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو آهي ته اها نفرت کي وڌڻ نه ٿي ڏئي. سنڌ جو تاريخي ورثو صرف وڏن شهرن تائين محدود ناهي ڳوٺن ۾ ڪڏهن لوڪ داستان ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته ڪڏهن ڪنهن پوڙهيءَ جي زبان مان سوين ورهين پراڻا قصا نڪرندا آهن جيڪي ٻڌندڙ جي دل تي عجيب سحر ڇڏي ويندا آهن ثقافتي ڏينهن انهن سڀني يادگيرين کي به زنده رکي ٿو چانڊوڪي راتين ۾، مچ جي روشنيءَ ۾، سنڌي ماڻهن جون ڪهاڻيون ۽ گيت فقط تفريح نه هوندا آهن اهي ته ثقافت جي زنده رهڻ جو ثبوت آهن قومي ڪاڄ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جو بنيادي مقصد اهو آهي ته ماڻهو پنهنجي اصليت سان جڙيل رهي، پنهنجي ٻوليءَ کي زنده رکي، پنهنجي قدرن کي مضبوط ڪري، پنهنجي تاريخ کي ياد رکي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي خوشبوءِ کي دنيا تائين پهچائي هي ڏينهن ماڻهن کي اهو به ياد ڏياري ٿو ته ثقافت سدائين مضبوط رهي ٿي جيڪڏهن سنڌي قوم جهڙا ماڻهو ان سان ناتو جوڙي رکن ٿا نه ته تهذيبن کي گُم ٿيڻ ۾ گهڻو وقت نه ٿو لڳي خوشقسمتيءَ سان اسان سنڌي ماڻهو پنهنجي ورثي سان ايترو لاڳاپيل آهيون جو ثقافت جو هر نقش هر ڏينهن وڌيڪ روشن ٿي رهيو آهي 7 ڊسمبر جو اڄوڪو ڏينهن سنڌي ماڻهن جي مهمان نوازي، محبت، گڏ رهڻ جي روايت ۽ امن واري سوچ لاءِ پڻ اهميت وارو ڏينهن آهي سنڌي ثقافت ڏهاڙو انسان کي اهو به سيکاري ٿو ته ثقافت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ رڳو هڪ ڏينهن ڪافي ناهي پر هر ڏينهن ثقافتي هجڻ گهرجي جڏهن محنت، ايمانداري، پيار، پاٻوهه، سخا ۽ عزت زندگيءَ جو حصو بڻجندا آهن تڏهن ثقافت پائيدار ۽ زنده رهندي آهي سنڌي ماڻهو انهن قدرن سان پنهنجون زندگيون گهارين ٿا ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن کي به اهي قدر منتقل ڪندا رهن ٿا. سنڌ جو مستقبل انهن ئي ماڻهن جي هٿ ۾ آهي جيڪي پنهنجي ماضيءَ کان روشني وٺي اڳتي وڌن ٿا ثقافتي ڏينهن نوجوانن کي پڻ اهو سبق ڏئي ٿو ته جيستائين ٻولي، لباس، ريتون، ڪتاب، موسيقي ۽ تهذيب محفوظ آهن اوستائين قوم مضبوط آهي اهو ڏينهن نوجوانن ۾ جذبو پيدا ڪندو آهي ته هو پنهنجي سڃاڻپ کي نه وساري پر ان کي وڌيڪ شان سان دنيا آڏو پيش ڪن قومي ڪاڄ سنڌي ثقافتي ڏهاڙو صرف جشن ناهي پر اها هڪ تحريڪ آهي، تهذيب جي تحفظ جي تحريڪ، محبت جي واڌاري جي تحريڪ، علم ۽ ادب جي ٻيهر تجديد جي تحريڪ ۽ انساني اتحاد جي تحريڪ هي ڏينهن ماڻهن کي اهو يقين ڏياري ٿو ته جيڪڏهن ثقافت مضبوط آهي ته قوم به مضبوط آهي ثقافت رڳو ناچ گيت ۽ لباس ناهي، اها ته انسان جي حياتيءَ جو مڪمل فلسفو آهي سنڌ جي ثقافتي ڏينهن جو حقيقي جوهر ان محبت ۾ آهي جيڪا ماڻهو هڪٻئي لاءِ رکن ٿا، ان ڳنڍيل احساس ۾ آهي جيڪو ڪين هڪ قوم بڻائي ٿو ان روايت ۾ آهي جيڪا صديون پراڻي ورثي کي اڄ تائين ساهه ڏيئي رهي آهي اڄ 7 ڊسمبر تي جڏهن سنڌي ثقافتي ڏهاڙو ملهائجي رهيو آهي تڏهن اهو فقط هڪ جشن جو ڏينهن ناهي پر اهو اها علامتي گهڙي آهي، جڏهن هڪ قوم پنهنجي ماضيءَ سان ملاقات ڪري رهي آهي، پنهنجو حال سمجهي رهي آهي ۽ پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهي آهي اهو ڏينهن هڪ وعدو آهي ته سنڌي تهذيب جو گيت نه بيهندو، ثقافت جو ڏيئو نه وسامندو ۽ محبت جو پيغام هميشه دلين تائين پهچندو رهندو سنڌي قومي ڪاڄ جون ڏيهه ٽوڙي پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين کي لک لک مبارڪون!

ڊاڪٽر مارڻ بند ڪريو، ٻي صورت ۾ اسان سڀ مرنداسين!

غلام فاروق

اڄڪلهه فيس بڪ، واٽس ايپ ۽ ٽڪ ٽاڪ تي روزانو اهڙيون وڊيوز ۽ خبرون گردش ڪن ٿيون ته "فلاڻي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب مريض فوت ٿي ويو" ڪجهه منٽن ۾ ئي وائرل ٿي وڃن ٿيون ۽ پوءِ اسپتالن جي دروازن تي گوڙ گهمسان، شيشا ٽڪر، ڊاڪٽرن تي هٿياربند حملو ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ايف آءِ آر به درج ٿي وڃي ٿي. سنڌ جي اسپتالن ۾ ته اها خبرعام ٿي وئي آهي پر ايتري نفرت ۽ تشدد جي باوجود به ڪو ماڻهو اِهو سوال نٿو پڇي ته ڇا واقعي هر موت ڊاڪٽر جي لاپرواهي سبب ٿئي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن نه، ته پوءِ اهو سمورو غصو ڪير ۽ ڇو ٿو ڀڙڪائي؟

انسان خطا جو پتلو آهي، اهو سچ آهي. پر خطا ۽ لاپرواهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. خطا اها آهي جيڪا ڪا به انساني ڪوشش باوجود ٿي وڃي ٿي ۽ لاپرواهي اها آهي جيڪا هاسيڪار ڪرڻ سان يا سنگين غفلت سبب ٿئي ٿي. دنيا ۾ ڪو به ڊاڪٽر اِهو نٿو چاهي ته هن جي هٿان ڪو ماڻهو مري. هو پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو پڙهي، رات ڏينهن اسپتالن ۾ گذاري، گهٽ ننڊ ۽ گهٽ آرام سان ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو پر جڏهن به ڪو مريض دم ڏئيءَ کي پيارو ٿئي ٿو ته سڀ کان پهرين تير ڊاڪٽر تي ئي هلايو وڃي ٿو. مون کي اڄ به 2012ع جي هڪ واقعي جي ياد اچي ٿي حيدرآباد جي هڪ پاڙي ۾ ٻه ڌريون وڙهيون، هڪ نوجوان کي گولي لڳي، حالت انتهائي سنگين هئي. ڪيس فوري طور تي حيدرآباد جي سول اسپتال پهچايو ويو. ڊاڪٽرن رت روڪڻ لاءِ آپريشن ڪيو، رت چاڙهيو، وينٽيليٽر تي رکيو، هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر گوليءَ جو زخم ايترو ته سنگين هو جو حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. آخرڪار وارثن ڪيس پرائيويٽ اسپتال منتقل ڪيو، جتي ٻئي ڏينهن هُو دم ڏئيءَ کي پيارو ٿي ويو. پر سڄو نزلو رڳو پرائيويٽ اسپتال تي.

اهڙا مثال هر روز ملن ٿا. ڪراچيءَ جي جناح اسپتال، حيدرآباد جي سول ۽ لياقت يونيورسٽي اسپتال، لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال، سکر جي غلام محمد مهراڻي اسپتال ۾ به اهڙا ڪيس اچن ٿا، جتي مريض ايمرجنسي ۾ ايندو آهي، ڊاڪٽر رات جو 2-3 وڳي به ڊيوٽي ڇڏي نٿا وڃن پر جيڪڏهن جان نه بچي سگهي ته ڊاڪٽرن کي ئي مارڻ لاءِ ماڻهو تيار ٿي وڃن ٿا. حيدرآباد جي مشهور اسرا يونيورسٽي اسپتال (Isra Hospital) ۾ به اهڙا ڪيترائي واقعا پيش آيا آهن جتي طبي لاپرواهي جي الزامن سبب وارثن ڊاڪٽرن تي حملا ڪري، شيشا ٽڪرائي ۽ ايف آءِ آر درج ڪرايون. مثال طور، 2019ع ۾ اسرا اسپتال جي آءِ سي يو وارڊ ۾ هڪ سنگين مريض جي موت تي وارثن اسپتال ۾ داخل ٿي ڊاڪٽرن کي ڌمڪيون ۽ اسپتال کي نقصان پهچايو پر پوءِ تحقيق ۾ ثابت ٿيو ته مريض جي موت زخم جي شدت سبب ٿي هئي، نه ڪي لاپرواهيءَ. سال 2024ع ۾ ماتلي تعلقي اسپتال ۾ هڪ ڊاڪٽر تي تشدد جو واقعو پيش آيو، جنهن جي خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو.

اها ڳالهه رڳو پاڪستان ۾ ئي ڇو ٿي ٿئي؟ آمريڪا، برطانيه، جرمني، جاپان ۾ به مريض مرن ٿا. عالمي اداري WHO موجب هر سال دنيا ۾ 27 لک ماڻهو طبي غلطين سبب مرن ٿا. آمريڪا ۾ طبي غلطيون موت جو ٽيون نمبر سبب آهن پر اتي ڪڏهن به اسپتالن ۾ گوڙ گهمسان، پٿر ڊاهه يا ڊاڪٽرن تي تشدد نه ٿيندو آهي.

هاڻي سنڌ جا ڊاڪٽر خوفزده ٿي ويا آهن. هاڻ ڪيترائي جوان ڊاڪٽر سنگين ڪيسن ۾ هٿ وجهڻ کان ڊڄن ٿا، ڇاڪاڻ ته خبر ناهي مريض بچي يا نه. پر جي نه بچيو ته مار ڪٽ ٿي پوندي. سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ هڪ ڊاڪٽر کي ڏينهن ۾ 200-300 مريض ڏسڻا پون ٿا. وينٽيليٽر، آءِ سي يو بيڊ، دوائون، آپريشن ٿيٽر، سڀ ڪجهه گهٽ آهي پر ان باوجود به ڊاڪٽر پنهنجي پوري محنت ڪن ٿا. هڪ تازي مطالعي موجب، پاڪستان ۾ صحت جي شعبي ۾ تشدد جا واقعا 70 سيڪڙو کان وڌيڪ آهن جنهن ۾ لفظي تشدد سڀ کان وڌيڪ آهي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته ڊاڪٽر اسان جا مسيحا آهن قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته "جيڪڏهن ڪو هڪ انسان کي زندگي ڏئي، ته ڄڻ سڄي انسانيت کي زندگي ڏنائين". اسان جو ڊاڪٽر روزانو ڪيترين ئي زندگيون بچائي ٿو ڪورونا جي ڏينهن ۾ جڏهن اسان گهرن ۾ ويهي رهيا هئاسين، تڏهن ڊاڪٽر ۽ نرسز اسپتالن ۾ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي مريضن جو علاج ڪندا رهيا. ڪيترن ئي ڊاڪٽرن پنهنجي زندگي وڃائي، پر ان باوجود به هنن هٿ نه ڪڍيو. 2025ع ۾ هڪ مطالعي موجب، پاڪستان ۾ ڊاڪٽرن تي تشدد جو شڪار ٿيڻ جو انگ 25 سيڪڙو کان 100 سيڪڙو تائين آهي.

جيڪڏهن اهڙو ئي رويو جاري رهيو، ته هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو ڪو به ڊاڪٽر سنگين مريض جو علاج ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. اڳ ئي سنڌ مان هزارين ڊاڪٽر بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڃي رهيا آهن. باقي جيڪي رهيا آهن سي به خوف ۾ جيئندا آهن. اهڙي تشدد جا سبب ڪهڙا آهن؟ غربت، اڻپڙهائي، ميڊيا جو سنسيشنلزم ۽ نظام جي ناڪامي. ماڻهو جذبات ۾ اچي وڃن ٿا، پر سوچين نٿا ته ڊاڪٽر به انسان آهي. سرڪار کي گهرجي ته اسپتالن ۾ سيڪيورٽي وڌائي، ڊاڪٽرن لاءِ حفاظتي قانون لاڳو ڪري ۽ عوامي آگاهي مهم هلائي. ميڊيا کي به ذميواري سان خبرون هلائڻ گهرجن، بغير تحقيق جي ڊاڪٽرن کي بدنام نه ڪيو وڃي. تنهنڪري اسان سڀني کي سوچڻ گهرجي ته جيستائين اسان پنهنجي ڊاڪٽرن تي ڀروسو نه ڪنداسين، تيستائين اسان جو صحت جو نظام بهتر نه ٿيندو. اڄ ته نفرت جي بجاءِ احترام ڪريون ۽ پنهنجي مسيحائن کي همٿ ڏيون. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڊاڪٽر ئي خوفزده ٿي ويا، ته پوءِ اسان جي ۽ اسان جي ٻچن جي جان ڪير بچائيندو؟ تازن انگن اکرن موجب، پاڪستان ۾ صحت تي تشدد جو شڪار ٿيڻ جو خطرو وڌي رهيو آهي ۽ سنڌ ۾ اهو خاص طور تي وڌيڪ آهي. اِهو وقت آهي جو اسان متحد ٿيون ۽ هن مسئلي جو حل ڳولهيون. نه ته مستقبل ۾ صحت جو شعبو تباهه ٿي ويندو.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي-ايڇ-ڊي ريسرچ اسڪالر (Ai)(يونيمارڪوني يونيورسٽي، اٽلي)، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ريسرچ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ اقرا ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهي.)

ثقافتي ڏهاڙو، سنڌ جو قومي ڪاڄ....!

عبدالفتاح عباسي

مرڪن جي سنڌ، خوشين ۽ شادمانن جي سنڌ، پنهنجي ثقافتي رنگ سان سلهاڙيل سنڌ وري خوشيون ويڪرڻ آئي آهي. هيءَ ثقافتي ڏهاڙو حقيقي سنڌي قوم جي مرڪن مسڪراهٽ خوشين ڀريو ڏهاڙو آهي، جنهن تنگ روپ کي ڏسي پنهنجا خوش ۽ بدذوق بدنيت عناصر ساڙ بغض ۽ ڪيني ۾ رهندڙ سياهه سوچ جا مالڪ تنهنجي منهنجي ڪندا رهجي ويندا آهن. اڄ سنڌي قوم جي قومي ڪاڄ جو ڏينهن آهي، جنهن کي "عبرت گروپ" ۽ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي پنهنجي سمورين توانائين سان خوبصورت انداز ۾ ملهائيندي، پوري دنيا کي اهو پيغام ڏنو پيو وڃي ته سنڌي قوم ڪيڏي نه مهذب، تهذيب يافته ۽ امير آهي. انهيءَ سنڌي قوم جو هيءَ ڏهاڙو قومي ڪاڄ جو خوشين ڀريو ڏينهن آهي.

اڄ 7 ڊسمبر اسان سنڌي قوم جي قومي ڪاڄ يعني ثقافتي عيد آهي، انهيءَ ڏهاڙي تي اسان سڀئي پنهنجي ريلين، جلسن، جلوسن، سيمينارن، ڪچهرين ۾ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيون ٿا ته اسان جي سنڌ جي تعليم ۾ بهتري، واڌارو ۽ ترقي ڪيئن اچي سگهي ٿي؟ تعليم جي واڌاري لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ سميت سنڌ ۾ سنڌ دشمن وڏيرڪي، ڀوتارڪي واري سوچ جي خوفناڪ صورتحال کي ڏيکارڻ لاءِ آواز اٿارڻ ۽ سنڌ جي بهادر جاکوڙي ڪردارن کي "قومي ڪاڄ" جي موقعي تي واکاڻيو وڃي. سنڌ هڪ تسلسل، تاريخ جو اڻمٽ اهو باب آهي، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ بي مثل ۽ بي مثال آهي. سنڌي ماڻهو دنيا جي ڪهڙي به خطي، علائقي يا ملڪ ۾ رهي ٿو انهيءَ جي سرهاڻ خوشبوءِ جڳ جهان ۾ پنهنجي الڳ حيثيت آهي، سنڌيءَ جو پٽڪو، سنڌيءَ جي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ قومي ڪاڄ يعني ثقافت جا اهي خوبصورت گُل آهن.

هر هڪ قوم کي پنهنجي ثقافت، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ پنهنجو وطن سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارو هوندو آهي، سنڌي قوم وڏي خوش قسمت ۽ ڀاڳن واري آهي جو ان کي "قومي ڪاڄ جو ڏهاڙو" يعني قومي عيد جي نالي ۾ نصيب ٿيو آهي، انهيءَ ڏهاڙي تي پوري قوم "عبرت گروپ" ۽ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي سرداري، جاگيرداري ۽ ڀوتارڪي سسٽم کان بيزاريءَ جو ڏهاڙو ملهائي رهي آهي. ان سان گڏوگڏ اڄوڪي قومي ڪاڄ واري ڏهاڙي تي شهيد فهميده سيال، شهيد ناظم جوکيو سميت ٻين سنڌ جي سورمن، ارڏن، جاکوڙي ڪردارن ۽ شهيدن جي پونئيرن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ آواز بلند ڪرڻو پوندو. سنڌ ڌرتيءَ تي هر طرف الله جي ولين جا عظيم تر آستانا، درٻارون، خانقاهون ۽ درسگاهون موجود آهن، بلڪ اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌ باب الاسلام آهي. سنڌ اهو وطن آهي، جنهن لاءِ اسانجي پياري آقا ۽ مولا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم سنڌ وارن ڏانهن نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي حوالي سان خط لکيو هو، جنهن لاءِ مخدوم جعفر بوبڪائي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. ان کان علاوه اها ڳالهه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه به لکي آهي ته "جڏهن حضور پُرنور صه دنيا جي بادشاهن ڏانهن تبليغي خط لکيا هئا ته انهيءَ وقت پاڻ سنڌ وارن ڏانهن به خط لکيائون ۽ آقا ڪريم صه جا اصحابي سڳورا سنڌ ۾ آيا به هئا ۽ انهن هتي سنڌ ۾ نيڪيءَ جي دعوت به ڏني" ڪيترن اهلِ علم ماڻهن چيو آهي ته " سنڌ جا ماڻهو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دور ۾ حج جي لاءِ مڪي پاڪ پهتا هئا، هڪڙو سنڌي ڪعبي شريف جو طواف ڪري پيو ته ڀهراڙيءَ جو سادو ماڻهو هئُو پڇا پيو ڪري ته جنهن سُهڻي سائين صلي الله عليه وسلم نبوت جو اعلان ڪيو آهي، اهو سهڻو سائين نبي ڪريم صه ڪٿي آهي؟. مديني واري شهنشاهه صه ان سنڌي ماڻهوءَ کي سڏي ان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ۽ فرمايائونس "ادا اوري آءُ" واهه سنڌي تنهنجا ڀاڳ! جنهن کي آقا ڪريم صلي الله عليه وسلم پاڻ پنهنجي پاڪ زبان مقدس سان چوڻ ته ادا اوري آ! لک ڪروڙ ٻار انهيءَ جي ڀاڳ تان قربان وڃجي. سنڌ جيڪا علمن صالحن، برگزيده هستين ۽ ولين جي ڌرتي آهي، جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته خبر پوندي ته برصغير جي اندر جيڪي ديني درسگاهون ۽ درگاهون آهن اتي جيڪو فيض آهي ۽ جيڪو علمي شعور، روشني آهي، انهيءَ جو سرچشمو سنڌ آهي. پوري عالمِ اسلام جي اندر جيڪو علم ڦهليل آهي، ان ۾ سنڌي عالمن جو نمايان حصو شامل آهي. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جن جي شاعريءَ جو سحر پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ سان ڪيڏو سلهاڙيل ۽ محبت جو مظهر آهي. ڀٽائي سرڪار ليليٰ مجنون، هير رانجهو، سيفل، مارئي مليس، مومل راڻو، ليليٰ چنيسر کي پڻ ڳايو آهي. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه وفات ڪرڻ کان پوءِ به وطن جي مٽيءَ ۾ پورجڻ کي ترجيح ڏني آهي. ڏيساور جي پٽ جي پوشاڪن بجاءِ اباڻي لوئيءَ ۽ کٿيءَ کي ترجيح ڏئي ٿو:

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
بت منهنجو بند ۾ قيد م ڪريجاهه،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏارم ڏريجاهه،
ٿڌي وسائجانءِ ٿرن جي، مٿي مٽيءَ مٺاهه،
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجانءِ مڙه ملير ڏي.

اسان جي بزرگن کي ڏسو ته ڪيئن نه پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ سان پيار ڪيو ائن. ياد رکڻ گهرجي ته وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي، جنهن لاءِ سرڪار مدينه صلي الله عليه وسلم جي حديث مبارڪ آهي ته: وطن جي محبت ايمان جو سبب آهي، پنهنجي وطن سان محبت هڪ فطري ڳالهه آهي، سنڌين سان مديني واري شهنشاهه صه جو پيار ۽ محبت آهي. جيڪي قومون پنهنجي ثقافت، تهذيب، ريتون، رسمون ۽ رواج نٿا رکن، انهن کي سنڌ جي شاهوڪار ورثي سان پيار ڪري پنهنجي سنڌ امڙ جي محبت ۾ پنهنجو پاڻ کي ضم ڪرڻ گهرجي پر سنڌي ماڻهو عيد وانگر پنهنجو قومي ڪاڄ جو ڏهاڙو ملهائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا ۽ اسانجي سنڌ ڌرتيءَ جي صوفين ولين جي تعليم ۾ محبت، پيار، صوفي ازم واري برداشت سمايل آهي. سنڌ جو قومي ڪاڄ جو ڏهاڙو سنڌي ميڊيا جو پوري قوم لاءِ بهترين ۽ انمول تحفو آهي، انهيءَ ڏهاڙي تي پوري قوم هڪ ڏينهن لاءِ ئي سهي خوشين ۾ ڀرپور اضافو ڪري رهي آهي. پوري دنيا ۾ سنڌ جي خوبصورتيءَ جا ثقافتي رنگ نکري پيا آهن. سنڌ جي وجود ۾ جيڪو پنهنجائپ وارو عنصر موجود آهي، سنڌ جي خمير ۾ جيڪا ميٺ، محبت، پريت، پيار، نياز ۽ نوڙت سميت مهمان نوازيءَ جون ريتون ۽ رسمون موجود آهن، انهيءَ جو دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۽ قوم ۾ اهڙو قربائتو انداز ۽ ماحول نٿو ملي سگهي. سنڌي ماڻهو ڪهڙي به ذات جو هجي، جڏهن انهيءَ جي ٽرڪان ٻن ڪينجهر ڪان ڪارونجهر ۽ دبئيءَ توڙي، انڊيا، ملائيشيا، ڪوريا، چين، جاپان، آمريڪا، لنڊن، يورپ سميت ٻين ملڪن ۾ هر پاسي سنڌ جا ماڻهو سورهيه جي ڪردار طور نمايان ڪردار ادا ڪندڙ آهن. سنڌي ماڻهو صدين کان پنهنجي ثقافتي رواداريءَ جو پاسدار رهيو آهي، سنڌي ماڻهوءَ ۾ انتهائي بُردباري، غيرت مندي، قومي شعور بابت جاڳرتا مهم ۾ اڳ کان اڳرو رهيو آهي. اڄ 7 ڊسمبر تي سموري سنڌ جرڪي پئي آهي، هر پاسي سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪن سان نڪرندڙ قافلا شهرن توري ڀهراڙين ۾ ننڍين توڙي وڏن جا ميلا ڏسي جهڙوڪر قومي ڪاڄ جو دلچسپ منظر ڏسڻ لاءِ ملي رهيو آهي. سنڌ جي ثقافت ۾ اها خوبي پڻ نمايان آهي ته اسان جي ثقافتي اهڃاڻ اجرڪ کي خوشيءَ توڙي غميءَ جي موقعن تي به استعمال ڪيو ويندو آهي. شاديءَ ۾ پڻ آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويندا آهن. هيءَ سنڌي ثقافت ۾ اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي توڙي پٽڪو سنڌ جي روايتن جي اها خوشبودار مهڪ آهي، جيڪا دنيا جي ٻين ملڪن کي دل ۽ جان سان پسند هوندي آهي. اهي سنڌي ثقافت ۾ اجرڪ ۽ ٽوپيءَ کي ڏسي وڏي خوشي محسوس ڪندا رهن ٿا. انهيءَ لاءِ سنڌ پنهنجي صدين واري ريتن رسمن ۽ ثقافت تي فخر ڪري ٿي. اسان جي سنڌي ثقافت کي ڏسي دنيا جون ڪيترين ئي قومون اجرڪ پٽڪي ۽ سنڌي ٽوپيءَ ۾ رنگجي ويندا آهن ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن پنهنجي قوم به هڪ ٻئي کي تحفو به سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جو ئي ڏيندي خوشي ۽ مسرت محسوس ڪندي آهي سموري سنڌي قوم کي قومي ڪاڄ يعني ثقافتي ڏهاڙي جون لک لک واڌايون هجن دعا آهي ته ڀٽائي، سچل ۽ قلندر جي هيءَ پُرامن ڌرتي تاقيامت شاد ۽ آباد رهي

اُميد جي پنڌ تي هلندڙ سفر

سيد اعجاز الحسن

پاڪستان ريلوي ملڪ جي ٽرانسپورٽ ۾ هڪ اهم ۽ مرڪزي ڪردار رکي ٿو پاڪستان ريلوي هڪ قومي ادارو آهي جيڪو روزانو لکين مسافرن کي سفر جي سهولت ڏيڻ سان گڏ مال برداري ذريعي صنعت ۽ واپار کي به سهارو ڏئي ٿو پاڪستان ريلوي ۾ تازي پيش رفت، سڌارن ۽ ٻين اصوبائي تعاون تي ٻڌل تاريخي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن ملڪ جي معيشت جي ترقي ريلوي جي بهتر ٿيڻ سان جڙيل آهي پاڪستان ريلوي ڪانسواءِ ٿرڪول، ريڪوڊڪ ۽ علائقائي رابطا ممڪن نه آهن گذريل ان مهينن اندر ريلوي ۾ ڪيترائي سڌارا ڪيا ويا آهن جن جو مقصد ادارو جديد دور جي ضرورتن مطابق بهتر بڻائڻ عوام کي اعليٰ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ مالي نقصان گهٽائڻ آهي بدعنوانيءَ جي خاتمي ۽ شفافيت لاءِ احتسابي نظام کي مضبوط بڻايو ويو آهي ۽ ويجيلنس ڊائريڪٽوريٽ کي مڪمل طور فعال ڪيو ويو آهي سڀ وڏن اسٽيشنن تي جديد سهولتون، جهڙوڪ مفت وائي فائي، صفائي، روشنيون، ايئرڪنڊيشنڊ ويٽنگ هال، سي آءِ پي لائونج، ايگزيڪيوٽو واش روم، ايسڪيليٽر، ٽي وي ايم ۽ اي ٽي ايم جون مشينون لڳايون ويون آهن جڏهن ته سيڪيورٽي ۾ به نمايان بهتري آئي آهي

جولاءِ ۾ لاهور ريلوي اسٽيشن تي 'پاڪ بزنس ايڪسپريس' ٽرين جي افتتاح دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان ۽ چين ترقي جي نون رستن تي گامزن آهن جڏهن ته پاڪستان-آمريڪا لاڳاپا

ڊيسڪ ۽ ٽرين ۾ يورپ جهڙيون سهولتون مهيا ڪرڻ تي وزير ريلوي کي مبارڪون ڏنيون هن وڌيڪ چيو ته دنيا ۾ ٽرانسپورٽ جي فراهمي ۾ ريلوي جو بنيادي ڪردار هوندو آهي هن چيو ته حنيف عباسي ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو ۽ ريلوي کي ٻيهر پيرن تي بيهاريو، منهنجو خواب هاڻي مڪمل ٿيندو نظر اچي رهيو آهي هي پهريون قدم آهي، منزلون اڃا گهڻيون آهن ملڪ جي ٻين شهرن ۾ به اهڙيون ٽرينون هلائينداسين محنت ۽ ايمانداري سان ئي ملڪ جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي

ساڳي طرح نومبر ۾ به ڪراچي ڪينٽ ريلوي اسٽيشن جي اپ گريڊيشن ۽ شاليمار ايڪسپريس جي افتتاح دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ريلوي جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ جديد سهولتون قومي معيشت کي مضبوط ڪنديون اميد آهي ته ڪجهه سالن ۾ پاڪستان ريلوي خطي جو بهترين ٽرانسپورٽ نظام بڻجي ويندو صوبن سان گڏجي ڪم ڪرڻ سان سٺا نتيجا ملندا هن چيو ته شاليمار ايڪسپريس، ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن جي مرمت ۽ جديد سهولتون انتهائي بهتر قدم آهن هن ڪراچي کي ملڪ جو دل قرار ڏيندي چيو ته ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن جي بهترين مرمت تي خوشي ٿي آهي وزيراعظم چيو ته ريلوي نظام جي اپ

آهي اي ڊي بي جي تعاون سان ڪراچي-روهڙي سيڪشن جي بهتري جو منصوبو شروع ٿيڻ وارو آهي قازقستان-ازبڪستان-افغانستان-پاڪستان ريل منصوبي تي ابتدائي ڪم هلي رهيو آهي ٿر ڪول ريل ڪنيڪٽيوٽي منصوبي تي سنڌ حڪومت سان گڏ ڪم ڪيو پيو وڃي اسلام آباد-تهران-استنبول ٽرين جلد شروع ڪئي پئي وڃي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت آئوٽ سورسنگ جو عمل تيز ڪيو پيو وڃي، هن وقت تائين 4 مسافر ٽرينون آئوٽ سورس ٿي چڪيون آهن وڌيڪ 11 ٽرينن تي ڪم جاري آهي فريٽ ٽرينون، بريڪ وينگنون، سليپر فيڪٽرين، ريلوي اسپتالن ۽ اسڪولن کي به آئوٽ سورس ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ملازمن جي حقن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻايو پيو وڃي ڊجيٽلائيزيشن ۾ به وڏي اڳڀرائي ٿي آهي. جهڙوڪ آءِ ٽي ڊائريڪٽوريٽ جي ري اسٽرڪچرنگ، اي آفيس، آن لائن بڪنگ، 56 ٽرينن کي ڪنيڪٽ ڪرڻ ڊجيٽل فريٽ سسٽم، اي آءِ بنياد سڪيورٽي سسٽم، شڪايت نظام اپ گريڊ وغيره راولپنڊي ۾ ملڪ جو پهريون

سگهي فريٽ نظام کي فعال ڪرڻ لاءِ نوان معاهدا ڪيا پيا وڃن فريٽ جو بهتر نظام نه صرف ريلوي پر قومي معيشت لاءِ به اهم آهي، چو ته ٽرين وسيلي سامان جي وقت سِر ترسيل قوم جي ترقي تي سٺو اثر وجهندي ۽ شاهراهن تي رش گهٽ ٿيندو

ريلوي پوليس ۾ به اهم سڌارا ڪيا ويا آهن والٽن ۾ 468 اهلڪارن ۽ 97 عورت اهلڪارن جي پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ وزير ريلوي مبارڪون ڏنيون ۽ فرضن جي ايمانداري سان ادائيگي تي زور ڏنو آءِ جي ريلوي پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو

ريلوي ۾ ٿيل سڌارن تي نظر وڌي وڃي ته واضح ٿئي ٿو ته ريلوي ۾ تبديليون تيزيءَ سان اچي رهيون آهن ريزرويشن لاءِ لائينن ۾ بيهندڙ مسافرن لاءِ آن لائن بڪنگ کي وڌيڪ آسان بڻايو ويو آهي ته جيئن ماڻهو گهر ويٺي ٽڪيٽ حاصل ڪري سگهن وڏن اسٽيشنن تي جديد انفارميشن ڊيسڪ، ايئرڪنڊيشنڊ هال، فيملي هال، ايگزيڪيوٽو واش روم، ايسڪيليٽر، ٽي وي ايم، اي ٽي ايم ۽ ٽڪ شاپس جي اپ گريڊيشن تيز رفتاري سان جاري آهي ٽرين هوسٽسز به مقرر ڪيون ويون آهن صفائي لاءِ مختلف شهرن ۾ لوڪل ويسٽ مينيجمينٽ ڪمپنين سان معاهدا ڪيا ويا آهن ڪاڌي جي معيار تي به سختيءَ سان عمل ڪرايو پيو وڃي ۽ جديد ڊائننگ ڪارون متعارف ڪرايون ويون آهن

گذريل ان مهينن جا هي سڌارا ريلوي جي روشن مستقبل جو اهم قدم آهن جيڪڏهن هي سلسلو اهڙي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2305 سال 2025

مسمات خالده ڌيءُ محمد ابراهيم زال محب رهندڙ پنهور ڳوٺ ڪانچ مل ماچي پاڙو حيدرآباد ....پلينٽف...خلاف: محب علي ولد موڙيو خان ذات جنو رهندڙ سردار ڪالوني قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد 03003219982...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 292 سال 2025

مسمات سڪينه زال محمد صالح ذات مغل رهندڙ گهر نمبر A/W440 محله اڙو پاڙو ٽنڊو الهيار ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) ڊي جي نادرا اسلام آباد (2) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2261 سال 2025

مسمات انيلا سومرو ڌيءُ محمد عمر سومرو رهندڙ ڳوٺ حاجي طيب سومرو تعلقو قاسم آباد حيدرآباد ....پلينٽف...خلاف: محمد عثمان سومرو ولد محمد خان سومرو رهندڙ ڳوٺ طاهر سومرو تعلقو ميرپور بٺورو ضلعو سجاول ...ڊفينڊنٽ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر...79. سال 2025

مسمات فرح زال محمد رضوان زال جاويد اقبال ذات مغل رهندڙ پٺاڻ ڪالوني نبي سر روڊ ڪنري ضلعو عمرڪوٽ ....پلينٽف...خلاف: محمد رضوان ولد آصف ذات مغل رهندڙ سامارو روڊ تعلقو سامارو ضلعو عمر ڪوٽ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ شهيد بينظير آباد ڊويزن

NO.XEN/RDD/SBA/NIT/SDGs-2025-26 Dated: 04th December, 2025

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/ڪمپنين کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي پروڪيورمينٽ واسطي واڪ ڪاغذن جي اسٽينڊرڊ فارم تي ڪمپوزٽ شيڊيول ريٽس (CSR-2024)تي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

S#	اسڪيم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	يو سي مڏ عليم تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	26.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
2	يو سي پلهاٽو تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	24.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
3	يو سي ڪوٽ بهادر تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	26.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
4	يو سي ڏالي تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	24.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
5	يو سي خاني ممڻ تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	30.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
6	يو سي مولهڻ تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	20.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
7	يو سي ڪاهي قاسم تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	24.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
8	يو سي DK جلباڻي تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	26.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
9	يو سي راڄو ڪيريو تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	26.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا
10	يو سي Chacheen سليمان تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينز، سي سي ٽاپنگ، پيور بلاڪس جي تعمير.	24.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو %5	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا

2. **اهليت:** انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (ايف بي آر) سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ هلندڙ مالي سال جي لاءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ ڪارگر رجسٽريشن.
3. **پروڪيورمينٽ جو طريقو:** سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ پروسيجر، اوپن نيشنل ڪامپيٽيٽو بڊنگ.
4. واڪ/ ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ/ اماڻڻ ۽ کولڻ)

نمبر شمار	تفصيل	پهريون پيرو	ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٻيون پيرو
i.	ڪورن ٽينڊرن جي اجراءَ لاءِ درخواستن جي وصولي جي آخري تاريخ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان شام 4 وڳي تائين ٽينڊر في جي ادائگي (ناقابل واپسي) تي.	18.12.2025	05.01.2026
ii.	ٽينڊرن جي وصولي ۽ کولڻ جي تاريخ (ٽينڊرن جي وصولي صبح جو 09:30 وڳي ۽ کولڻ جو وقت صبح 10:30 وڳي)	19.12.2025	06.01.2026
iii.	اجراءَ، اماڻڻ، انڪوائريز ۽ کولڻ جو هنڌ، آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، شهيد بينظير آباد ڊويزن.		

5. **شرط ۽ ضابطا:**

اي) هيٺين حالتن ۾ واڪ رد ڪيا ويندا:

i. شرطيه ۽ ٽيليگرافڪ واڪ ۽ ٽينڊر.
ii. جن واڪن سان گڏ واڪ سيڪيورٽي گهربل رقم ۽ فارم موجب شامل نه هوندي.
iii. مقرره تاريخ ۽ وقت کانپوءِ پهتل واڪ.
iv. بليڪ لسٽ فرمن ۽ ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث فرمون.
v. اڻپورا واڪ ڪاغذ (فقط بل آف ڪوانٽيٽيز رکندڙ).
vi. جن واڪ ڪاغذن تي صحيح ٿيل ۽ ٺپو لڳل نه هوندو.

بي) پروڪيورنگ ايجنسي کي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب ڪوبه يا سمورا واڪ رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

سي) متوقع واڪ ڏيندڙن کي واڪ سان گڏ هيٺيان دستاويز اماڻڻا پوندا.

i. ٺيڪي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا ايس پي پي آر اي جي سرڪاري ويب سائيٽ: https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/. تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. مٿي ڄاڻايل ٽينڊر في جي رقم ۽ واڪ لاڳت ۽ ڪٽيل لاڳت جو %5 واڪ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر/ ڊماند ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن شيڊيولڊ بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي نالي ۾ (فرم جي نالي) جي اڪائونٽ مان واڪ/ ٽينڊرن سان لازمي شامل هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور حاصل نه ڪندا.
ii. سرٽيفڪيٽ (اي) اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (ساڻ ايڪٽو اسٽيٽس) (بي) ايس آر بي سرٽيفڪيٽ (ايڪٽو اسٽيٽس سان) (سي) ڪارگر PEC سرٽيفڪيٽ (واسطيدار ڪئٽيگري ۾ جون 2025 تائين ۽ اسپيشلائيزڊ ڪوڊ جي ميچنگ ۽ (ڊي) مالڪ/ پروپرائيٽر جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي ڏني وڃي.
iii. گذريل ٽن سالن واسطي مالياتي/ بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ انڪم ٽيڪس ريٽرن.
iv. اهڙي نوعيت جي ساڳئي ٻين سول ورڪس (گورنمينٽ /پرائيوٽ سيڪٽر) ۾ ڪيل ڪم گذريل 3 سالن دوران جن جي تڪميل جا سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل کاتي وٽان جاري ڪيل ۽ ايس پي پي آر اي آءِ ڊيز ۾ ڏيڪاريل ايويليوئيشن واڪ رپورٽ سان گڏ شامل هئڻ گهرجن.
v. گذريل ٽن سالن جون سالياڻون آڊٽ رپورٽون رجسٽرڊ آڊٽ فرم وٽان.
vi. ايڪيوپمينٽس ۽ مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جا تفصيل جيڪي فرم/ ٺيڪيدار طرفان مالڪي ۾ هجن يا مسواڙ تي ورتا ويا هجن.
vii. تازو قسم نامو: (اي) ته فرم ڪنهن به مقدمي بازي ۾ ملوث نه آهي (بي) ته فرم کي ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ (سي) جيڪي دستاويز/معلومات ڏني ويئي آهي اهي سڀ صحيح ۽ سچا آهن. ڪوڙي/ هٿ چراند ڪيل يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندڙ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو.
viii. اختيار ڏنل ليٽر ۽ پارٽنرشپ ڊيڊ پاور آف اٽارني جوائنٽ وينچر ايگريمينٽ (جيڪڏهن ڪو هجي ته).

6. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن/ فرمن ۽ موجودگيءَ جي خواهشمند سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
7. واڪ سنگل پيڪيج تي ٻڌل ٻه لفافي ۾ هوندا. هر هڪ لفافو ڌار فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي مشتمل هوندو. لفافن تي ڪنهن مونجهاري کان بچڻ لاءِ وڏن ۽ واضح اکرن ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هئڻ گهرجي.
8. فرمن جي فني لياقت واسطي ڇنڊڇاڻ لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليا ويندا ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ/ پروپوزل ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت بابت آگاهه ڪيو ويندو. ٽيڪنيڪلي ڊسڪواليفائيڊ فنانشل واڪ/ پروپوزل ترتيبوار واڪ ڏيندڙن کي بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
9. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هرهڪ صفحي تي نمبر لڳل ۽ فرم/ڪمپني جي مالڪ پاران مهر سان گڏ سي اين آءِ سي نمبر تصديقي صحيح هجڻ گهرجي. اهڙو جدا پروفائل سيني درخواست ڏنل ڪمن لاءِ ڏيٽو پوندو.
10. پريميم ڪوٽيڊ واڪ ڏيندڙ انگن توڙي اکرن ۾ پيش ڪندو ٻي صورت ۾ فنانشل واڪ ايس پي پي آر اي رولز تحت رد ڪيا ويندا ۽ سوٽي رقم جي فوٽو ڪاپي اين آءِ ٽي جي فنانشل پروپوزل سان گڏ شامل هجي.
11. عام موڪل يا ڪنهن حادثي جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول سان اماڻيا/ کوليا ويندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ،
شهيد بينظير آباد ڊويزن

INF-KRY.NO.4105/2025

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

خيرپور ۾ مذهبي آزادي ۽ بين المذاهب هم آهنگي لاءِ اسٽيڪ هولڊرز مشاورت اجلاس

جديد دور جا گهڻا تڪرار وسيلن جي ورهاست سبب پيدا ٿين ٿا ۽ منصفاڻي ورهاست سان ئي انهن جو حل ممڪن آهي: يوسف خشڪ

هن مشاورت ۾ پاڪستان جي اقليتن سان زيادتين، قانونن جي غلط استعمال، تشدد جهڙن مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو: عامر

رياست کي واقعي بين المذاهب هم آهنگي ۽ شموليت کي فروغ ڏيڻ لاءِ پنهنجون پاليسيون تبديل ڪرڻ گهرجن: مجيب الرحمان ابڙو

خيرپور(د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور اسلام آباد جي پيڪ انسٽيٽيوٽ فار پيس اسٽڊيز (پي آئي پي ايس) جي گڏيل سهڪار سان هڪ اهم اسٽيڪ هولڊرز مشاورت جو انتظار ڪيو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آزاد ڪشمير جو وزيراعظم راجا فيصل ممتاز شهيد بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري رهيو آهي

ٽنڊو بولا خان ويجهو حيدرآباد کان اينڊڙ ٽيڪسي ڪار باهه لڳڻ سبب سڙي وئي

چوهڙ لڪ جي چاڙهي ويجهو مهراڻ سوزوڪي ڪار کي وائرنگ مان اوچتو باهه وڪوڙي وئي

ڪار ۾ سوار ماڻهن ڪار مان لهي پاڻ کي بچائي ورتو، فائر برگيڊ پهچي باهه وسائي

ٽنڊو بولا خان (ن ع) ٽنڊي بولاخان چوهڙ لڪ جي چاڙهي ويجهو ٽنڊي بولاخان پوليس حد ۾ حيدرآباد کان ٽنڊي بولاخان ڪرايو ڪٽي اينڊڙ مهراڻ سوزوڪي ڪار ٽيڪسي کي وائرنگ مان اوچتو باهه وڪوڙي وئي جڏهن ته ڪار ۾ سوار ماڻهن ڪار مان لهي پاڻ کي بچائي ورتو باهه جي اطلاع تي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ بجلي شارٽ سرڪٽ مان گهر کي باهه

پير محلي ۾ هارون ڪنڀار جي گهر کي باهه وڪڙ ۾ آندو

گهر ۾ پيل روڪ رقم، ڪپڙا، فرج، ٽي وي ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي خاڪ

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي پير محلي ۾ بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه لڳڻ جي ڪري هارون ڪنڀار جو گهر سڙي ويو جنهن جي ڪري گهر ۾ پيل سونا زيور روڪ رقم ڪپڙا بسترا فرج ٽي وي ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو جڏهن ته ميونسپل کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

دادو جي ڪڇي ۾ چانڊيا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ داتو چانڊيو ۾ هلندڙ تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو، هڪٻئي تي فائرنگ

گولين لڳڻ سبب رمضان، واڻهوڙو خالد جمالي، حاجي لاشاري زخمي، اسپتال منتقل

دادو(ن ع) دادو جي ڪڇي واري علائقي ڳوٺ داتو چانڊيو ۾ چانڊيا برادرين جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو فائرنگ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي علائقي واسين دادو سول اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ آندو ويو جتي زخمين ۾ رمضان چانڊيو واڻهوڙو خالد جمالي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پوليس ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ روپوش جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري مقتول جي زال رضوانه خاصخيلي کي گرفتار ڪيو

اڪرم ڪالوني ۾ زال پنهنجي چاهيندڙ سان گڏجي سندس مڙس علي ڏنو کي قتل ڪيو هو

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اڪرم ڪالوني ۾ ڪجھ ڏينهن اڳ زال پنهنجي چاهيندڙ سان گڏجي سندس مڙس علي ڏنو خاصخيلي کي قتل ڪيو هو جنهن ۾ پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مقتول جي زال رضوانه خاصخيلي کي گرفتار ڪيو جڏهن ته بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي جي گيانچند پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام ملهايو ويو

تقريب ۾ شاگردن قومي گيتن تي رقص، تعليم ضروري آهي ۽ ٻيا ٽيبلوز پيش ڪيا

سنڌ امن ۽ پيار جي ڌرتي آهي جيڪا پيار ڪرڻ ته ڄاڻي ٿي پر نفرت نه: سليم رضا

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي جي گيانچند پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام ملهايو ويو جنهن ۾ گلن جهڙا ٻارڙا اجرڪ، ٽوپيون ۽ سنڌي ثقافتي ويس پهري اسڪول پهتا جڏهن ته ثقافتي تقريب ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي شاگردن ۽ استادن پرنسپال بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: ف ليگ اڳواڻ سائره بانو عبرت عيوضي سان ڳالهائي رهي آهي

ٽلو حملي ڪيس ۾ ڪراچي جي عدالت جوابدارن جي ڪچي ضمانت رد ڪري ڇڏي

عدالت جوابدار اسد علي، وارث مسڻ، اظهر ۽ زوهيب چانڊيو جي ڪچي ضمانت رد ڪئي

وڪيل جي دليلن بعد عدالت حڪم جاري ڪيو ته ڪين فوري طور گرفتار ڪيو وڃي

غلام اللہ(ن ع) 2 مهينا اڳ ٽلٽي ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي سالي اظهار شاهه شيرازي تي ٽيل حملي فائرنگ ۽ سندس ملازم راول ملاح جي قتل وارو معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي پهچي ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن اسد علي مسڻ علي وارث مسڻ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ منشيات کان پاڪ سنڌ جي سري هيٺ ثقافتي پروگرام

اي سي ثناءُ الله علي احمد ٻليدي، منور تبسم، امين محمد، جاني طفيل ۽ ٻين جي شرڪت

سڀ کان وڏو مسئلو منشيات آهي، نوجوان نسل منشيات سبب تباهه ٿي پيو: اڳواڻ

ٽنڊوباگو(ٽ ر) مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو ۾ منشيات کان پاڪ سنڌ جي سري هيٺ ثقافتي پروگرام رکيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر ثناءُ الله صدن پرنسپال علي احمد ٻليدي، منور تبسم کتري، امين محمد ميمڻ جاني طفيل ۽ اشفاق ميمڻ جي اڳواڻي ۾ انساني بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سياري جي پهرين لهر ۾ سکر ڊويزن ۾ موسمي بيمارين ۾ تيزيءَ سان واڌ

سکر، روهڙي، پنو عاقل ۽ ڀرپاسي زڪام، کنگهه، ڳلي جي تڪليف، نمونيا جهڙن بيمارين وڌي ويون

تيز بخار، اکيون سوڄجڻ ۽ سيني جي انفيڪشن سڀ کان وڏيڪ رپورٽ ٿي رهيا آهن: ڊاڪٽر

سکر (بيورو رپورٽ) سياري جي پهرين لهر سکر ڊويزن ۾ موسمي بيمارين ۾ خطري جهڙو اضافو اچي ڇڏيو آهي جڏهن ته سکر شهر روهڙي ۽ ڀرپاسي علائقن جي اسپتالن ۾ مريضن جي تعداد معمولي پيٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌي ويو آهي، رپورٽ موجب گذريل ڪجهه ڏينهن کان سکر روهڙي، پنو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ جا چونڊيل ٽائون چيئرمين پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

سيوهڻ ۾ ثقافتي ڏهاڙي جو شاندار تقريبون، سنڌي گيتن تي ناچ، جهمريون

اسان کي پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي سان گهڻو پيار آهي ۽ ثقافت اسان جي سڃاڻپ آهي

سنڌ جو شعور اڳي کان وڌيڪ پنهنجي حقن ۽ ڌارين جي نيڪالي لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪري: اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع) سنڌي ميڊيا گروپ پاران اڄ 7 ڊسمبر تي اعلانيل ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهائڻ واري اعلان بعد سيوهڻ شهر ۾ به ثقافتي ڪاڄ جون تياريون عروج تي پهچي ويون آهن ان حوالي سان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي نگراني هيٺ روشن تارا سيڪنڊري اسڪول سيوهڻ ۾ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ونج وٽي جو نائيٽ راند جو مقابلو

جاهل دور جي انساني ذهن لاءِ ناڪارا بڻيل موبائيل نوجوانن کي صحتمند سرگرمين کان روڪيو آهي: احمد جان سرهندي

صحتمند سرگرمين ۾ حصي وٺڻ سان نوجوان نسل سماجي برائين جي غلط ڌندن کان پاڻ بچائي سگهندو

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ونج وٽي جو نائيٽ راند جو مقابلو، رانديگرن پنهنجا جوهر ڏيکاري انعام حاصل ڪيا، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ويجهو لاڪاٽ جي ڳوٺ محمد عمر زئور ۾ ثقافتي قومي عيد جي حوالي سان ثقافتي ونج وٽي نائيٽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان نوجوانن جون ريليون

ريلين ۾ نوجوانن جي مختلف علائقن ۾ قومي گيتن تي جهمريون، يڪجهتي جو اظهار

تقريب ۾ اسٽيج ڊراما، ٽيبلوز خاڪا پيش ڪندڙ شاگردن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ثقافتي رنگن سان رڱجي ويو، نوجوانن جون ريليون، اسڪولي شاگردن تقريبن ۾ قومي گيتن تي جهمريون پاتيون، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان نوجوانن سنڌي ٽوپيون اجرڪون پائي ريليون ڪڍي شهر جي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميهڙ تعلقي ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي 18هين ورسي لاءِ پيپلزپارٽي جو اجلاس

ورڪرن، اڳواڻن ۽ عورتن جي وڏي شرڪت سان ورسي جي تيارين مڪمل ڪرڻ جو اعلان

27ڊسمبر تي سڀني گاڏين جي قافلي سان ڳڙهي خدابخش روانگي لاءِ ڪيمپين ۽ جهنڊا مهم شروع

راڏڻ (ن ع) راڏڻ ويجهو ڳوٺ ڪاهي مهيسر ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ميهڙ جو اهم اجلاس تعلقه آفيس ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت سينيئر نائب صدر پ پ تعلقه ميهڙ سردار زادا بابر اعجاز خان سهول ڪئي اجلاس جي ڪارروائي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محراب خان لاڪير هلائي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

دادو: ڪڇي ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل تڪرار ۾ زخمي ٿيلن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ مهمان ثقافتي اسٽالن جو معائنو ڪري رهيا آهن

ٽنڊو بولا خان ۾ عبرت ۽ سنڌي جي ميڊيا جي سڏ تي ثقافتي ثقافتي تقريبون منعقد

منگلاڻي پبلڪ اسڪول پاران شاندار ثقافتي تقريب، شاگرداڻين پاران ٽيبلو، تقريرون، شاعري پيش

سنڌ اسان جي ڌرتي آهي، سنڌي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سان پيار ڪن ٿا: ڊاڪٽر موهن منگلاڻي

ٽنڊوبولاخان (ن ع) ٽنڊي بولاخان ۾ عبرت ۽ سنڌي جي ميڊيا پاران ثقافتي ڏهاڙي جي ملهائڻ واري اعلان بعد ثقافتي تقريبون عروج تي پهچي ويون ان حوالي سان سيٺو مل منگلاڻي پبلڪ اسڪول پاران شاندار ۽ سهڻي ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪولي شاگردن قومي ثقافتي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ جشنِ ثقافت ڏور ڏام سان ملهايو ويندو، مرڪزي رستن تي اسٽال قائم

50ڪان وڌيڪ ريلين شهر ۾ ڪڍيون وينديون، مرڪزي ريلي خاڪي شاهه پل کان ڪڍي ويندي

ثقافتي فورم ۽ مختلف تنظيمن گڏيل جلسي ۾ شرڪت ڪندين ثقافت جي فروغ ۽ سنڌي ورثي کي اجاگر ڪرڻ تي زور

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيدڀنڀرو) خيرپور ۾ 7 ڊسمبر اڄ آچر ڏينهن جشنِ ثقافت وڏي ڌوم ڌام سان ملهائيو ويندو جشنِ سنڌ جي سلسلي ۾ خيرپور شهر جي روڊن ۽ مرڪزي رستن تي سنڌي ثقافت جا اسٽال لڳايا ويا آهن انهن اسٽالن کي سنڌي ٽوپي اجرڪ سنڌي لباس ۽ ٻين ثقافتي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ فريال ٽالپر سان مختلف شخصيتن جون ملاقاتون

فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرپرسن فاطمه مجيد ملاقات ڪري اداري جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني

ايم اين اي خورشيد جوڻيجو ۽ صوبائي ترجمان بلند جوڻيجو صوبائي وزير جام خان شورو جون پڻ ملاقاتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پ پ شعبه خواتين جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ مختلف شخصيتن ملاقاتون ڪيون فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرپرسن فاطمه مجيد ملاقات دوران پنهنجي اداري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ٻارڙا ثقافتي تقريب ۾ شريڪ آهن

سکر ۾ آبپاشي کاتي جي ٽنڊن ملازمن جو سرڪاري وڪيل خلاف احتجاج

13سالن بعد جعلي قرار اسان جو پگهارون بند ڪيون ويون آهن: مظاهرين

سرڪاري وڪيل علي رضا بلوچ هر ماڻهو کان 10-10 لک رپيا گهري پيو

سکر(بيورو رپورٽ) سرڪاري وڪيل جي مبينه ڌاڌائين خلاف آبپاشي کاتي خيرپور جي ٽنڊن ملازمن سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي پگهارون ڏيو انصاف ڏيو جا نعرا هڻي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ بيلدار گيٽ مين خميسو علي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ڌاڙيلن جو راڄ، شهري پريشان

موٽرسائيڪل، گاڏيون ۽ نقدي چوري جا ڪيترائي واقعا پيش

سنگين قتل ۽ ڌاڙيلن جا ڪيس اڃا تائين حل نه ٿي سگهيا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

سکر(بيورو رپورٽ) سکر چورن لٽيرن قاتلن ۽ ڌاڙيلن لاءِ لوٽ مار قتل و غارتگري، چوري ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي منڊي بڻجي وئي عوام کي مڪمل طور تي ڌاڙيلن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ علي حسنين قريشي ۽ پوليس اهلڪار جهانزيب جتوئي جا قاتل اڄ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سنڌ ملاح فورم ٺٽي جي اڳواڻن جو حسين ملاح جي قتل خلاف احتجاج

حسين ملاح کي قتل ڪندڙ جوابدارن کي پوليس اڃا تائين گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

پوليس الٽو مقتول جي وارثن ۽ احتجاج ڪندڙ 50 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو آهي

غلام الله (ن ع) سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو سنڌ ملاح فورم ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن محمد ايوب ملاح عبدالڪريم الهبخش ميراڻي سردار فيصل ملاح محمد عيدن ملاح ڪامريڊ عبدالقادر ملاح صدام حسين ملاح اشرف ملاح ۽ ٻين پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ بلڙي شاهه ڪريم جي رهواسي نوجوان بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ثقافتي تقريب ۾ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

جاپان جي شهر اوساڪا ۾ سنڌي ايسوسيئيشن پاران ثقافتي ڏهاڙو شاندار انداز ۾ ملهايو ويو

قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز پليجي مهمان خاص طور شرڪت ڪري سنڌ جي ثقافت ۽ امن جو پيغام ڏنو

ثقافتي ڏينهن تي عالمي سنڌين ۽ پرڏيهي سنڌي نوجوانن کي تعليم، روزگار ۽ قومي خدمت لاءِ تربيت ڏيڻ تي زور

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جاپان جي شهر اوساڪا ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان پاران ثقافتي ڏهاڙو جي تقريب منعقد ڪئي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ڳوٺ بهادر ڪلوئي جي رهواسين جو منشيات خلاف احتجاج

شهر ۾ سرعام آئيس چرس ڪچو شراب سميت ٻين سڀاريون وڪامجن ٿيون: مظاهرين

منشيات فروشن علائقي جي نوجوانن کي آئيس چرس آفيم جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي

شهدادپور(ن ع) ڳوٺ بهادر ڪلوئي جا بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين ۾ ڳوٺاڻن جو جيها برادري جي بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳوٺ شاهن جڪري جي رهواسين ديدار جڪري سينگار جڪري مسمات بادشاه خاتون ۽ ٻين ڏاڍهينڊي چيو ته جيها برادري جا بااثر مجاهد جيهو پورل جيهو هٿيار بند ساڻ ڪري زمين تي ڪم ڪندڙ ارباب جڪري صابر جڪري عامر جڪري سميت ٽن عورتن کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته اسان جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار سول اسپتال جي اڳوڻي اڪائونٽينٽ جي ڪروڙ چيڪ ڏيڻ جي ڪيس ۾ ضمانت رد، عدالت ٻاهران گرفتار

ٽنڊوالهيار (د ر) سول اسپتال ٽنڊوالهيار جو اڳوڻو اڪائونٽينٽ سجاد عالماڻي ۾ ڪروڙ روپين جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ واري ڪيس ۾ ضمانت رد ٿيڻ تي ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن پوليس هٿان عدالت ٻاهران گرفتار ٿي ويو، گرفتاري دوران پوليس ۽ سندس وڪيل وچ ۾ منهن ماري پڻ ٿي پئي ٽنڊوالهيار جي رهواسي غلام حسين بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دادو: ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

خيرپور(د ر) خيرپور: پوليس جي ڪامياب ڪارروائي وارادت جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن جي گروهه سان مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن ۾ هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو هي ڳالهه ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌائي هن چيو ته ايس ايڇ او ٿاڻو گمبٽ ۽ چوڪي انچارج فقير مل پنهنجي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي اسڪول دي شاهين اڪيڊمي ۾ ثقافتي ڏينهن جي حوالي تقريب

خيرپور(د ر) خيرپور جي ڏٻر محلي جي اسڪول دي شاهين اڪيڊمي ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان هڪ پروقار تقريب جو انعقاد ڪيو ويو سيپڪو جا سينئر انجنيئر پرويز احمد ڦليپوٽو درگاهه خواجه غريب نواز آف اجمير شريف سنڌ جي خليفه بابر بابا چشتي سماجي اڳواڻ احمد علي ميمڻ ايڊووڪيٽ، بئنڪ مينيجر بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پريس ڪلب جون چونڊون، عبدالخالق چوهاڻ صدر منتخب

خيرپور(د ر) خيرپور نيشنل پريس ڪلب جون سال 2025/2026 جون چونڊون انتهائي منظم پرامن ۽ شفاف طريقي سان مڪمل ٿي ويون انتخابي عمل جي نگراني معروف قانوندان ايڊووڪيٽ شاهد حسين ڳوپانگ، ايڊووڪيٽ عابد سومرو ۽ ايڊووڪيٽ آغا مولا بخش سهيڙ ڪئي انهن سڀني مرحلن جي قانوني ۽ فني نگراني ڪندي چونڊ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

باڊهه واسي مارڪيٽ ڪاميٽي ڪراچي جو انسپيڪٽر نثار احمد سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

باڊهه (ن ع) باڊهه سڳا اڳواڻ عبدالرزاق سومرو جو سؤٽ ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي ڪراچي جو انسپيڪٽر نثار احمد سومرو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سنڌ سميت ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ اڄ ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهايو ويندو

حيدرآباد ڊويزن، ڪراچي ڊويزن، ميرپور، سکر، لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ ثقافتي ريليون، تقريبون منعقد ٿينديون

شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ تقريرون پيش ڪيون وينديون، سنڌ جا فنڪار خوبصورت آوازن ۾ گيت ڳائي سنڌ کي ڀيٽا پيش ڪندا

سنڌ جي ثقافت هزارين سالن جي تاريخ رکڻ واري ثقافت آهي، سنڌ امن محبت پيار ڏيڻ واري ڌرتي آهي: قاضي اسد عابد

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌي ميڊيا ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سڏ تي اڄ سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني سان سڄي سنڌ سان گڏ ملڪ جي مختلف علائقن سان گڏ دنيا ۾ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

محرابپور: نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

بلوري ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ئي ڏينهن چوري جون ٻه وارداتون

ميرپور بٺورو(ن ع) ميرپور بٺورو شهر ۽ آس پاس ۾ بدامني ٻيهر ڪر کڻڻ لڳي گذريل رات دير سان ميرپوربٺورو شهر جي ڪورواهه اسٽاپ تي نامعلوم چور ادريس بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: نوجوان ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ۾ رقص ڪري رهيا آهن

دادو: منشيات جي جعلي گرفتارين خلاف ميهڙ واسي نوجوان جي درخواست رد

عدالت ۾ ايس ايڇ او ۽ ون فاءِ انچارج ڪلام پاڪ کڻي ساک ڏني

پاڻ کي رشوت وٺي ڪوڙو ڪيس ناهي گرفتار ڪيو ويو: درخواستگذار

دادو(د ر) دادو سيشن جج جي عدالت ۾ ميهڙ واسي نوجوان آصف ڪمانگر پاران پاڻ راشد ڪمانگر کي بيگناهه منشيات جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ واري ڏنل درخواست تي ٻڌڻي ٿي گذري، ڪيس جي ٻڌڻي ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او طارق لاڪير عدالت ۾ بيان ڏنو ته راشد بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ثقافتي ڏهاڙي جون تياريون آخري مرحلي ۾، اسڪولن تقريبون منعقد

تقريب ۾ شاگردن پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري قومي گيتن تي رقص ڪيو ويو

اڄ سياسي، سماجي ۽ تجارتي ڌرين گڏيل ريلي ڪڍي انساني زنجير ٺاهي ٻڌي جو اظهار ڪيو ويندو

اسلام ڪوٽ (ن ع) سنڌي ميڊيا جي ڏنل سڏ تي ثقافتي قومي عيد ڏهاڙي جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ ڪالهه اسلام ڪوٽ شهر جي مختلف اسڪولن ايليمينٽري مين اسڪول، راجپوت ڪالوني، بجير ڪالوني ۽ هريجن ڪالوني اسڪول ۾ شاندار بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عورت جو پنهنجي مائٽن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(د ر) مسمات بشري ملڪ صحافين اڳيان چيو آهي ته منهنجي مڙس قيصرخان سيال ۽ مونکي منهنجا مائٽ ڌمڪيون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سعودي عرب ۾ سنڌي ثقافت جو ڏينهن شاندار انداز ۾ ملهايو ويو

حاجي روشن لاشاري جي ميزباني ۾ طائف ۾ سنڌين پاران ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

سعودي عرب ۾ رهندڙ مختلف علائقن مان سنڌين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ميهڙ (ن ع) سعودي عرب سنڌ جو ڪلچر سنڌين جي عيد جو ڏينهن سعودي عرب ۾ به نهايت شاندار نموني سان ملهايو ويو سنڌ جي مختلف شهرن ميهڙ ۽ ٻين شهرواسين طرفان سنڌ جو ڪلچر ڏينهن سعودي عرب جي شهر طائف ۾ ملهايو ويو جنهن جي ميزباني حاجي روشن لاشاري بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ ڏينهن ڏٺي جرائتي جي چڪي مالڪ کان ڦر جي ڪوشش، ڌاڙيل ماڻهو پهچي ويا، جوابدار فرار

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ ڏينهن ڏٺي جو اٽا چڪي جي مالڪ کان ڦر جي ڪوشش، ڌاڙيل تي آسپاس کان پهتل ماڻهن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

26 ۽ 27 ترميم ايئن آهي جيئن پاڻي اسان مٿان گذري وڃي ۽ اسان کي ترڻ سيکاريو

لاکڙا ڪول فيلڊ جي کاڻ ۾ زهريلي گئس پرڻ سبب ٽي مزدور ساهه ٻوسائجڻ سبب فوت

سوات واسي پورهيت شوڪت پٺاڻ، محمد ڪامران ۽ سراج الدين ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندي فوت ٿيا

مڙهه اباڻي علائقي ڏانهن روانا، کاڻين جي مرمت نه ٿيڻ سبب مدور فوت ٿين ٿا، مائينز کاتو ڀت بڻيل آهي: مزدور

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان لاکڙا ڪول فيلڊ جي بلوچستان ڪوئلا ڪمپني جي کاڻ ۾ زهريلي گئس پرڻ جي نتيجي ۾ ڪي پي ڪي صوبي جي سوات واسي 3 پورهيت 42 ورهين جو شوڪت پٺاڻ ولد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون ثقافتي ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

وارهه واسي سينيئر صحافي ظهور احمد چانڊيو تي دماغي فالج جو حملو، سکر اسپتال منتقل

وڳڻ (ن ع) وارهه واسي سينيئر صحافي ۽ نجي ٽي وي نيوز جي رپورٽر ظهور احمد چانڊيو کي اوچتو دماغي فالج اچڻ سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿي پئي جنهن تي کيس فوري طور سکر جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي بدقسمتي سان صحافي جي علاج لاءِ نه ته سنڌ حڪومت ۽ نه ئي ڪنهن صحافتي تنظيم پاران ڪا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي پرسان پوليس هٿان قتل ڪيل نوجوان رمضان ڪوسو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

پاڪستان ڪوسا اتحاد جي اڳواڻن رمضان ڪوسو جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ڪئي

وارثن کي جانچ ٽيم تي خدشا آهن ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي پرسان ڏيپلو پوليس هٿان بي دردي سان قتل ڪيل نوجوان رمضان ڪوسو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڪوسا برادري جي

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو ڏيٺرن سان گڏجي بااثر مائٽن ۽ هنگورجا پوليس خلاف احتجاج

ڳوٺ ڏامراهه واسي پورهيت رمضان ڳوپانگ پنهنجي ڏيٺرن سان گڏجي پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

هنگورجا پوليس منهنجي ٻن پٽن ۽ ڀيٽري کي بيگناهه گرفتار ڪري ڪم ڪيو آهي: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ ڏامراهه جي رهواسي پورهيت پاڪ ڪتاب کڻي پنهنجي ڏيٺرن سان گڏجي بااثر مائٽن ۽ هنگورجا پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت محمد رمضان ڳوپانگ پنهنجي ڏيٺرن بينظير ۽ سائره ڳوپانگ سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏاڍهينڊي الزام لڳايو ته سال 2013 ع ۾ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

بدين جي واپاري موٽرسائيڪل ايسوسيئيشن پاران سنڌي ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

بدين (د ر) بدين جي واپاري موٽر سائيڪل بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

بدين پوليس جون ڪارروايون، منشيات ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ، پنج جوابدار گرفتار

بدين (د ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي انچارج سي آءِ اي سب انسپيڪٽر گل حسن لغاري پنهنجي عملي سان گڏ شهري شاهد خٽڪ جي چوري ٿيل موٽرسائيڪل سي ڊي-70 هٿ ڪئي انچارج سي آءِ اي سب انسپيڪٽر گل حسن لغاري پنهنجي عملي سان گڏ بدين شهر مان 15 ڏينهن اڳ گم بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راڏڻ الطاهر پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد

راڏڻ (ن ع) الطاهر پبلڪ اسڪول راڏڻ ۾ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ رنگا رنگ ثقافتي پروگرام شاندار نموني منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگرداڻين سنڌي گيتن تي رقص ۽ روايتي انداز ۾ ٽيبلوز پيش ڪري محفل ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا تقريب ۾ اسڪول جي سرپرست اعلي ذوالفقار جوکيجو مهمانِ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ يوسف ملاح ڳوٺ جي رهواسين جو پوليس ۽ بااثر وڏيري خلاف احتجاج

بدين (د ر) بدين ۾ پوليس ۽ بااثر وڏيري خلاف يوسف ملاح ڳوٺ جي رهواسي عورتن مردن ۽ ٻارڙن جو احتجاج سيراڻي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ثقافتي مچ ڪچهري ۾ ساجهه ونڊ شريڪ آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز سان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد سان ڇپرائي جاري ڪيو.